جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ
(جلد 15) اربع 24 سيپٽمبر 2025 ع بمطابق 30 ربيع الاول 1447هه (شمارو 344) قيمت 20 روپيا

پاڪ ڀارت سميت 7 جنگيون روڪيون، يو اين ان ۾ شامل نه هو: ڊونلڊ ٽرمپ

پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ جنگ بندي ڪرائي، پاڪ ڀارت جنگ سميت 7 جنگيون روڪيون، انهن ملڪن جي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪري اهي سڀ ست جنگيون روڪيون

آمريڪا دنيا ۾ امن لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو، ابراهيم معاهدي تي ڳالهيون جاري آهن. مون کي هتي دعوت ڏيڻ لاءِ توهان جو تمام گهڻو شڪريو: آمريڪي صدر

منهنجي حڪومت جي 8 مهينن دوران سٺيون تبديليون اچڻ شروع ٿي ويون آهن، پوئين انتظاميا اسان جي ملڪ کي بيشمار مسئلن سان منهن ڏنو

آمريڪا ۾ افراط زر گهٽجي ويو آهي، سيڙپڪاري وڌي رهي آهي، آمريڪي معيشت مضبوط آهي ۽ سرحدون محفوظ آهن. جيڪڏهن ڪو غير قانوني طور تي آمريڪا ۾ داخل ٿئي ٿو ته ان کي جيل وڃڻو پوندو

هڪ سال اڳ آمريڪا سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو هو. اسان اقتدار ۾ آيا ۽ افراط زر کي ڪنٽرول ڪيو. آمريڪا پنهنجي سونهري دور مان گذري رهيو آهي

اسان کي معاشي تباهي ورثي ۾ ملي، آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي سطح تي عزت ۽ وقار حاصل ڪري رهيو آهي: آمريڪي صدر جو گڏيل قومن جي اجلاس کي خطاب

نيويارڪ (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو چوڻ آهي ته هن پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ جنگ بندي ڪرائي، پاڪ ڀارت جنگ سميت 7 جنگيون روڪيون، انهن ملڪن جي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪري اهي سڀ ست جنگيون روڪيون، گڏيل قومن انهن جنگين کي روڪڻ ۾ شامل نه هئي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 80 هين اجلاس کي خطاب ۾ هن چيو ته آمريڪا دنيا ۾ امن لاءِ پنهنجو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ ٻيا سعودي عرب جي قومي ڏينهن جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽيندي

غزه ۾ قتل عام سڀ حدون پار ڪري ڇڏيون آهن: گڏيل قومن جو سربراهه

نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جو ساليانو اجلاس شروع ٿيو، جنهن ۾ سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس پنهنجي افتتاحي خطاب ۾ دنيا ۾ وڌندڙ بحرانن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو

گڏيل قومن دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ انسانيت جي بقا لاءِ هڪ اثرائتي ۽ اجتماعي حڪمت عملي طور ڪم ڪري ٿي، جن اصولن تي گڏيل قومن جو بنياد رکيو ويو هو

امن ۽ ترقي جا ٿنڀا بي حسي، عدم مساوات ۽ سزا کان بچڻ جي وزن هيٺ لرزجي رهيا آهن. دنيا هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي جنهن ۾ غير ذميوارانه خلفشار ۽ مسلسل انساني مصيبتون شامل آهن

سوال اهو آهي ته: اسان ڪهڙي قسم جي دنيا ٺاهڻ چاهيون ٿا؟ اسان کي فيصلو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته انساني الميا ۽ ماحولياتي خطرن جا گهڻا مسلسل اسان جي سامهون وڃي رهيا آهن

خودمختيار ملڪن تي حملو ڪيو پيو وڃي، بک کي هٿيار طور استعمال ڪيو پيو وڃي، سچ کي دٻايو پيو وڃي، ۽ شهرن جي ملبي مان دونهون اٿي رهيو آهي

غزه ۾ وحشت جاري آهي ۽ اتي قتل عام ۽ تباهي جو پيمانو سڀ حدون پار ڪري چڪو آهي: نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي اجلاس کي خطاب

نيويارڪ (م ڊ) نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جو ساليانو اجلاس شروع ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس پنهنجي افتتاحي خطاب ۾ دنيا ۾ وڌندڙ بحرانن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو. عالمي خبرن ايجنسي جي مطابق، گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل چيو ته 80 سال اڳ، درجنين ملڪن عالمي امن لاءِ گڏيل قومن جو بنياد رکيو. انتونيو گوتريس وڌيڪ چيو ته/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

خيبر ۾ بمباري جي مذمت، ڪي پي ڪي وزيراعليٰ پاران هڪ، هڪ ڪروڙ معاوضي جو اعلان

ضلعي خيبر جي وفد سان ملاقات ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو ۽ شهيد ٿيلن لاءِ فاتحه پڙهي وئي

تيراه ۾ بمباري ۾ 25 ماڻهو جن ۾ عورتون ۽ ٻار شامل هئا مارجي ويا، مقامي ايم اين ايز به واقعي تي افسوس ۽ احتجاج جو مطالبو ڪيو

پشاور (م ڊ) خيبر پختونخوا جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور وادي تيراه جي واقعي ۾ مارجي ويل عام شهرين لاءِ هڪ هڪ ڪروڙ روپين جي معاوضي جو اعلان ڪيو آهي. خبر مطابق خيبر پختونخوا جي وڏي وزير سان ضلعي خيبر جي وادي تيراه ۾ پاڪستاني هوائي جهازن جي بمباري بابت هڪ وفد ملاقات ڪئي. ملاقات ڪندڙن ۾ ايم اين اي اقبال آفريدي، چيف سيڪريٽري. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بي آءِ ايس پي ٻوڏ متاثرن کي بهترين سهولتون فراهم ڪري سگهي ٿو: روبينا خالد

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي فراڊ ڪندڙ سياسي اڳواڻ هڪ ڪروڙ گهراڻن جي توهين ڪئي

بي آءِ ايس پي شفافيت رفتار سان عوام جو اعتماد ڪٽيو پروگرام غريبن جي بقا ۽ وقار جو سهارو آهي

اسلام آباد (بيورو) چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام روبينا خالد چيو آهي ته بي آءِ ايس پي بهترين سهولتون فراهم ڪري سگهي ٿو بينظير/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪويت: وزيراعظم شهباز شريف ڪويت جي شهزادي سان هٿ ملائي رهيو آهي

جي ايڇ ڪيو ڪيس، عمران خان جون درخواستون رد، وڪيلن جو بائيڪاٽ

دهشتگردي جي عدالت 9 مئي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني جون ٻه درخواستون رد ڪري ڇڏيون

عدالت ۾ فيصل ملڪ ۽ سلمان اڪرم راجا دليل پيش ڪيا، ڪارروائي روڪي وڃي جيستائين جيل ٽرائل بابت هاءِ ڪورٽ جو حڪم نه اچي: وڪيل

واٽس ايپ ڪالز و ويڊيو لنڪ نٿيون ٻڌجن، اڳ ۾ باني ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو، هاءِ ڪورٽ ۾ حڪم کي چيلنج ڪرڻ لاءِ وقت ورتو وڃي: عدالت

راولپنڊي (م ڊ) دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت راولپنڊي ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس بابت پي ٽي آءِ جي باني پاران داخل ڪيل ٻه درخواستون رد ڪري ڇڏيون جڏهن 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو حملي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسان سڀني کي گڏجي عورتن کي بااختيار بڻائڻ سميت غربت جي خاتمي لاءِ قدم کڻڻا پوندا: اسحاق ڊار

عورتن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪيترائي پروگرام شروع ڪيا، پاڪستان صنفي مساوات تي مڪمل يقين رکي ٿو ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ موثر قدم کڻي رهيو آهي

پاڪستان صنفي مساوات تي مڪمل يقين رکي ٿو ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ بهتر قدم کڻي رهيو آهي: نائب وزيراعظم

پاڪستان ۾ عورتون هر شعبي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. 30 سال اڳ بيجنگ ۾ صنفي مساوات تي معاشري جي جوڙجڪ جو واعدو ڪيو

نيويارڪ (م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان ۾ عورتن جي لاءِ انصاف جي فراهمي يقيني بڻائي پئي وڃي. عورتن جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

وفاقي وزير جام ڪمال خان سان آسيان ملڪن جي سفيرن جي ملاقات

پاڪستان ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيائي ملڪن وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ عوامي رابطن کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو

ملاقات ۾ انڊونيشيا، ملائيشيا، فلپائن، ٿائيلينڊ، برونائي دارالسلام، ويتنام ۽ ميانمار جا سفير ۽ سينيئر سفارتڪار شريڪ ٿيا

اسلام آباد (بيورو) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان آسيان جي 7 رڪني ملڪن جي سفيرن سائس سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. جاري پريس رليز موجب ان موقعي تي پاڪستان ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيائي ملڪن وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سنڌ سرڪار هلندڙ هفتي عورتن کي پنڪ اسڪوٽيز ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو

سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو

اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪنول ڀٽو سميت ٻين آفيسر شرڪت ڪئي

سنڌ حڪومت هلندڙ هفتي عورتن ۽ شاگردياڻين لاءِ مفت اليڪٽرڪ اسڪوٽيز ڏيڻ وڃي رهي آهي: سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي: سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ پنڪ اسڪوٽيز پروگرام بابت ٿيل اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار هلندڙ هفتي عورتن کي پنڪ اسڪوٽيز ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

وزيراعظم شهباز شريف پاران سعودي عرب جي مفتي اعظم شيخ عبدالعزيز بن عبدالله آل الشيخ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

نيويارڪ (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي مفتي اعظم شيخ عبدالعزيز بن عبدالله /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

26 هين آئيني ترميم خلاف درخواستون سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي لاءِ مقرر

سپريم ڪورٽ 26 آئيني ترميم خلاف درخواستون 7 آڪٽوبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيون آهن

جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 8 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪندي

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ ۾ 26هين آئيني ترميم خلاف داخل درخواستون 17 آڪٽوبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيون ويون. سپريم ڪورٽ 26 آئيني ترميم خلاف درخواستون 7 آڪٽوبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيون آهن. جسٽس امين الدين خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه صوبائي ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

عدالتي حڪمن تي ڄامشورو ۾ بحريه ٽائون جي غير قانوني اڏاوت ڍاهي پٽ

ڄامشورو (رپورٽر) عدالتي حڪمن تي ڄامشورو ۾ بحريه ٽائون جي غير قانوني اڏاوت ڍاهي پٽ ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پاڪستان ۾ گذريل 3 سالن ۾ غربت جي شرح ۾ 7 سيڪڙو واڌ ٿي: عالمي بينڪ رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

پاڪستان ۾ غربت جي موجوده شرح 25.3 سيڪڙو آهي، جڏهن ته سال 2022 ۾ غربت جي شرح 18.3 سيڪڙو هئي، 24_2023 ۾ غربت جي شرح وڌي 24.8 سيڪڙو ٿي وئي

2001 کان 2015 تائين پاڪستان ۾ غربت جي شرح ۾ ساليانو 3 سيڪڙو گهٽتائي ٿي هئي ۽ سال 2015 کان 2018 تائين پاڪستان ۾ غربت جي شرح ۾ ساليانو هڪ سيڪڙو گهٽتائي ٿي

2011 کان 2021 دوران ماڻهن جي آمدني ۾ رڳو 2 کان 3 سيڪڙو واڌ ٿي آهي، گهٽ آمدني وارن شعبن ۾ 85 سيڪڙو ماڻهو ملازمت ڪندا آهن

اسلام آباد (بيورو) عالمي بينڪ جي رپورٽ ۾ پاڪستان ۾ عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابازار پريس بريفنگ ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته پاڪستان ۾ گذريل 3 سالن ۾ غربت جي شرح ۾ 7 سيڪڙو واڌ ٿي. ٻڌايو ته پاڪستان ۾ غربت جي موجوده شرح 25.3 سيڪڙو آهي، جڏهن ته سال 2022 ۾ غربت جي شرح 18.3 سيڪڙو هئي. 24_2023 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سنڌ حڪومت اڄ 24 سيپٽمبر تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو

صوبائي حڪومت لاڳاپيل تڪن ۾ اسڪولن جي موڪل جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

بلدياتي ضمني چونڊن وارن ضلعن ۾ اسڪولن ۾ پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت صوبي جي 14 ضلعن ۾ بلدياتي ضمني چونڊن جي موقعي تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ٺٽو جيل سميت مختلف رٿائن جي ڪابينا منظوري ڏئي ڇڏي

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، هڪ اهم ڪابينا اجلاس جي صدارت ڪندي، صوبي جي ٻوڏ جي صورتحال جو جائزو ورتو

اجلاس ۾ صوبائي وزير، صلاحڪار، خاص مددگار، چيف سيڪريٽري، پرنسپل سيڪريٽري، چيئرمين پي اينڊ ڊي ۽ اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي

ڪابينا مالي انتظام، اصلاحي سهولتن، عدالتي عملن، ثقافت جي فروغ، زراعت جي ڇڪاس، ٽيڪسيشن سڌارن ۽ روڊ سيفٽي ۾ وڏين سڌارن جي منظوري ڏني

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، هڪ اهم ڪابينا اجلاس جي صدارت ڪندي، صوبي جي ٻوڏ جي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ مربوط ڪاٽي جي ڪوشش جي تعريف ڪئي، جڏهن ته ڪابينا مالي انتظام، اصلاحي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ جي سرڪاري اسپتالن جا ملازم سراپا احتجاج، او پي ڊيز بند ڪرڻ جو اعلان

سنڌ جي سرڪاري اسپتالن جي او پي ڊي ۽ آفيسون انهن سڀني مطالبن جي منظوري لاءِ مڪمل طور تي بند رهنديون، رڳو ايمرجنسي سروسز فراهم ڪيون وينديون

سيورينس الائونس ۾ 50 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي، گريڊ 1 کان 22 تائين سڀني مستقل ملازمن جي پگهارن ۾ 70 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي

سنڌ جا سڀئي سرڪاري ملازم هڪ پليٽ فارم تي گڏ آهن ۽ پنهنجي حقن لاءِ ڪنهن به قرباني کان پوئتي نه هٽندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سرڪاري اسپتالن جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ سيورينس او پي ڊيز بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ملازمن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته سيورينس الائونس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ سان يو اين جو ڪوآرڊينيٽر ملاقات ڪري رهيو آهي

ڦورو ملتان جي 2 سونارن کان 25 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ جو سامان 7 ڪلو سون ڦري فرار

ملتان کان ڪوئيٽا اينڊ ٽرسٽ بس ۾ سوار پنجاب جا 2 سونارا سون کڻي وڃي رهيا هئا ته مسلم باغ جي پرسان 3 گاڏين ۾ سوار هٿياربند ڌاڙيلن بس کي روڪيو

مسافرن کي سامان سميت هيٺ لاٿو، 25 ڪروڙ جو سون ڦري ۽ سمورن مسافرن کي واپس بس ۾ ويهاري فرار ٿي ويا

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي ضلعي قلعه سيف الله جي علائقي مسلم باغ جي پرسان 3 گاڏين ۾ سوار اڻڄاتل هٿياربند بس ۾ سوار ملتان جي 2 سونارن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: پنجاب جي سڌ سماءَ واري وزير عظميٰ بخاري پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

سد منظر نقوي جي ڀاءُ جي وفات تي ننگر پارڪر ۾ فاتحه خواني جو اهتمام ڪيو ويو

ٿرپارڪر (پ) گڏيل ڏينهن مرڪزي امام بارگاه ننگر پارڪر جي خدمتگار مجاهد علي کوسو دوداڻي پاران ڪراچي ايڊيٽرز ڪلب ڪراچي جي سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

افغانستان جي 13 ورهين جو نينگر جهاز جي ڦيٿن ۾ لڪي ڪابل کان ڀارت پهچي ويو

ڪابل (م ڊ) افغانستان جي شهر قندوز سان واسطو رکندڙ 13 ورهين جو نينگر جهاز جي ڦيٿن ۾ لڪي نئين دهلي پهچي ويو رپورٽ موجب نينگر افغانستان جي نجي ايئر لائن RQ 4401 جي ڦيٿن ۾ لڪي ڀارت جي اندرا گانڌي ايئرپورٽ نئين دهلي پهتو جهاز لهڻ کان پوءِ چوڪرو ري وي تي اڪيلي گهمندو نظر آيو، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس جي يادگار شيلڊ پيش ڪندي

حيدرآباد ۾ بلدياتي ضمني چونڊن کي پرامن نموني منعقد ڪرائڻ لاءِ پوليس سيڪيورٽي پلان جوڙي ورتو

18 پولنگ اسٽيشنن تي مجموعي طور تي 450 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا

موبائل پيٽرولنگ سان گڏ ريپڊ ريسپانس فورس ۽ هر وقت تيار رهندڙ ٽيم جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري ڪارروائي ڪري سگهجي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ ٿيندڙ بلدياتي ضمني چونڊن کي پرامن نموني منعقد ڪرائڻ لاءِ پوليس سيڪيورٽي پلان جوڙي ورتو آهي. ترجمان موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سينيٽر محمد طلحه محمود سينيٽ جي بجاءِ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو چيئرمين چونڊجي ويو

سينيٽر عمر فاروق، سينيٽر محمد طلحه محمود کي ڪميٽي ۽ جي چيئرمين لاءِ نامزد ڪيو، جڏهن ته سينيٽر سرمد علي ان جي تائيد ڪئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جو سينيٽر محمد طلحه محمود سينيٽ جي بجاءِ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو چيئرمين چونڊجي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

دشت ۾ ٽريڪ تي ڌماڪو، جعفر ايڪسپريس جون ٻوگيون لهي ويون، ڪيترائي مسافر زخمي

جعفر ايڪسپريس پشاور کان ڪوئيٽا اچي رهي هئي ته دشت ۾ ٽريڪ تي ڌماڪي کان پوءِ حادثو جو شڪار ٿي وئي

حادثي ۾ زخمي ٿيل مسافرن کي ايمبولينس ذريعي ڪوئيٽا اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي طبي امدادي ڏيڻ کان پوءِ دشت روانو ڪيو ويو

ڪوئيٽا (م ڊ) مستونگ ضلعي جي علائقي دشت ۾ ريلوي ٽريڪ تي ڌماڪي سبب جعفر ايڪسپريس جي ٽي ٻوگيون لهي ويون، نتيجي ۾ ڪيترائي مسافر زخمي ٿي پيا. ريلوي اختيارين موجب جعفر ايڪسپريس پشاور کان ڪوئيٽا اچي رهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

وزيراعظم نيويارڪ پهچي ويو، گڏيل قومن ۾ ڪشمير ۽ فلسطين بابت پاڪستان جو موقف پيش ڪندو

وزيراعظم گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ پنهنجي خطاب ۾ ڪشمير ۽ فلسطين مسئلي بابت پاڪستان جو موقف پيش ڪندو

وزيراعظم گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي ڪوتايل اعليٰ سطحي تقريبن ۾ شرڪت ڪندو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 80 هين اجلاس ۾ شرڪت لاءِ آمريڪي رياست نيويارڪ پهچي ويو. پاڪستان حڪومت جي ايڪس اڪائونٽ تان جاري ڪيل بيان ۾ جتي وزيراعظم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ حڪومت 24 سيپٽمبر تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو، نوٽيفڪيشن جاري

صوبائي حڪومت لاڳاپيل تڪن ۾ اسڪولن جي موڪل جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

بلدياتي چونڊن وارن تڪن ۾ 24 سيپٽمبر (اربع ڏينهن) عام موڪل هوندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت صوبي جي 14 ضلعن ۾ بلدياتي ضمني چونڊن جي موقعي تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ ۾ مليريا ۽ ڊينگي جي ڪيسز ۾ تيزي سان اضافو، ڪراچي جا رهواسي سڀني کان وڌيڪ متاثر

صرف حيدرآباد ڊويزن ۾ مليريا جا 74 هزار 843 ڪيسز سامهون آيا آهن، جيڪي مجموعي طور سڄي صوبي ۾ سڀ کان وڌيڪ آهن

لاڙڪاڻو ڊويزن ۾ 41 هزار 924، شهيد بينظير آباد ڊويزن ۾ 17 هزار 905، سکر ڊويزن ۾ 12 هزار 617 ڪيس ظاهر ٿيا آهن

سڀ کان وڌيڪ ڪيسز ڪراچي ڊويزن ۾ 456 رپورٽ ٿيا آهن، ڪراچي جي ضلعي ايسٽ ۾ ڊينگي سبب هڪ موت پڻ واقع ٿيو آهي

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ۾ مليريا ۽ ڊينگي جي ڪيسز ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي. مليريا سبب حيدرآباد ڊويزن ۽ ڊينگي سبب ڪراچي جا رهواسي سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيا آهن. صحت کاتي جي انگن اکرن مطابق صرف حيدرآباد ڊويزن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت ٻارن کي وظيفا ڏيڻ جو فيصلو

ريٽائرڊ وفاقي ملازمن ۽ مرحوم ملازمن جي ٻارن کي تعليمي وظيفا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو آهي

هن فيصلي تحت وفاقي سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت ٻارن کي تعليمي وظيفا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ريٽائرڊ وفاقي ملازمن ۽ مرحوم ملازمن جي ٻارن کي تعليمي وظيفا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو آهي. چيف ويلفيئر آفيسر خداداد ۽ ويلفيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

حيدرآباد: شاهه ڀٽائي گورنمنٽ اسپتال لطيف آباد جو اسٽاف مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

وزيراعظم جي هدايت موجب قومي وسيلن جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: هارون اختر خان

قومي وسيلن جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي، ادارا وزيراعظم جي ڪرپشن کان پاڪ پاڪستان جي ويزن موجب هم آهنگيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن

تقريب ۾ صنعت ۽ پيداوار واري سيڪريٽري سيف انجم، نيب جي نمائندن ۽ ڊائريڪٽر جنرل فريدون اڪرم شيخ پڻ شريڪ هئا

نيب جي ڪاوشن سان 310 ڪينال سرڪاري ايراضي جنهن جي ماليت اربين رپيا آهي جيڪا جوهري پور ۾ واقع آهي، بازياب ڪري صنعت ۽ پيداوار واري ذريعي وفاقي حڪومت جي حوالي ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي صنعتن ۽ پيداوار بابت خاص مددگار هارون اختر خان چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي هدايت موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

انساني صحت جو تحفظ اسان جي پهرين ترجيح آهي: سيد مصطفيٰ ڪمال

انساني صحت جو تحفظ اسان جي پهرين ترجيح آهي، صحتمند ماڻهوئي هڪ صحت مند معاشري جي جوڙجڪ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا

پاڪستان ۾ سڙيل مريضن جي موت واري شرح گهٽائي وڌيڪ آهي ۽ ان جي سدباب لاءِ فوري قدمن جي ضرورت آهي، سڙيل مريض مناسب علاج نه ٿيڻ سبب فوت ٿي ويا آهن

احتياط علاج کان بهتر آهي، تدابيرن ۽ بيمارين کان بچاءُ تي ڌيان ڏيڻ پوندو بيماري جي شروعات ٻار جي پيدائش سان شروع ٿيندو آهي

اسلام آباد (بيورو) قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته انساني صحت جو تحفظ اسان جي پهرين ترجيح آهي. صحتمند ماڻهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

وفاقي وزير احسن اقبال پاران بيجنگ جينومڪس انسٽيٽيوٽ جي هيڊ ڪوارٽر جو دورو

سي پيڪ 2.0 جينومڪس ۽ بائيو ٽيڪنالاجي ذريعي صحت، غذائي تحفظ ۽ جدت تي ٻڌل روشن مستقبل جي ضمانت آهي: احسن اقبال

سهڪار صرف بيمارين جي علاج تائين محدود ناهي پر ٻنهي ملڪن ۾ خوشحالي ۽ جي راهه پڻ هموار ڪري ٿو

گوانگ زو_23 سيپٽمبر (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خاص قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته پاڪ_چين دوستي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

گورنر سنڌ جو سعودي عرب جي مفتي اعظم جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سعودي عرب جي مفتي اعظم ۽ سينيئر اسڪالر ڪائونسل جي سربراهه شيخ عبدالعزيز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: ٽريفڪ پوليس ۽ پاڪستان پوسٽ جي معاهدي واري تقريب کي آئي جي غلام نبي ميمڻ خطاب ڪندي

سنڌ جي 28 سيٽن تي ننڍي مڪاني چونڊ لاءِ مانيٽرنگ ڪنٽرول روم قائم

ننڍي مڪاني چونڊ کي پرامن، شفاف ۽ آزاداڻي منعقد ڪرڻ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي

سمورن پولنگ اسٽيشنن اندر ۽ ٻاهر سيڪيورٽي جا مڪمل انتظام ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ صوبي جي 14 ضلعن جي 28 سيٽن تي ننڍي مڪاني چونڊ جي مانيٽرنگ لاءِ صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ جي آفيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

جماعت اسلامي پاران سنڌ ايمپلائز الائنس جي جائز مطالبن جي حمايت جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ "سنڌ ايمپلائز الائنس" پاران سرڪاري ملازمن جي پينشن رولز واري ظالماڻي قانون جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب ڪي ايم سي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

جمهوري سوچ جو ترجمان
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
Daily AWAMI SOCH KARACHI
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءُ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي:
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱار:
ڏوڏا! ٿيءُ م ڏار، جمر ڳچو رُڪ ڪٽيون ٿئي.

اربع 24 سيپٽمبر 2025ع

ناڻي ذخيرن ۾ واڌ . پر عوام جي خوشحاليءَ جي "دلي دُور" است

ملڪ ۾ حڪمرانن طرفان جشن جو سمان آهي، ڍهلن دمامن سان، ڳائي وڄائي اهو پيو ٻڌايو وڃي ٿو ته، ملڪي معيشت ترقيءَ جي راهه تي آهي ۽ ملڪ جي ناڻي جا ذخيرا وڌي ويا آهن. [illegible] 12 سيپٽمبر 2025 تائين ملڪ جا مجموعي ناڻي جا ذخيرا 19.73 ارب ڊالرن جي سطح تي پهچي ويا آهن، 21 ملين ڊالرن جي واڌ ... 14.36 ارب ڊالر ... 34 ملين ڊالرن ... 5.38 ارب ڊالرن ... [illegible]
عالمي مالياتي نظام ۾ ملڪ جي ساک کي ظاهر ڪري ٿو؟ هن سوال جو جواب ڳرائي سان سمجهڻ جي ضرورت آهي، ڇو ته خوشحاليءَ جو حقيقي معيار عوام جي خريداريءَ جي صلاحيت ۾ واڌ ۽ انهن جي زندگيءَ جي معيار ۾ بهتري آهي، نه هيصرف بينڪن ۾ موجود پرڏيهي ڪرنسيءَ جي مقدار ۾. ان ڳالهه کان انڪار ڪونهي ته، پرڏيهي متا ستا جي ناڻي جا ذخيرا هڪ ملڪ جي معاشي استحڪام جو هڪ اهم حصو ضرور آهن، پر انهن مان عوام کي سڌي ريت ڪهڙو فائدو آهي، جنهن تي جشن برپا ڪيو ويو آهي! اهي ذخيرا ملڪ کي پرڏيهي قرضن جي ادائيگي، درآمدات جي ادائيگين ۽ عالمي واپار ۾ پنهنجي ذميوارين کي پورو ڪرڻ جي قابل بنائين ٿا. جڏهن ڪو ملڪ پنهنجي متا ستا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ واڌ جو اعلان ڪري ٿو، ته اهو بين الاقوامي قرض ڏيندڙن ۽ مالياتي ادارن لاءِ هڪ اطمينان جو ڳوڙو اشارو هوندو آهي. اهو ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ پنهنجي قرض جون قسطون وقت تي ادا ڪري سگهي ٿو ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ پنهنجي مالياتي ذميوارين کي نڀائي سگهي ٿو پر هي اشارو عام ماڻهوءَ جي روزمره جي زندگيءَ تي سڌو اثر نٿو رکي.
خوشحاليءَ جو حقيقي معيار اهو ناهي ته ملڪ وٽ ڪيتري پرڏيهي ڪرنسي موجود آهي، پر اهو آهي ته ان ملڪ جو عام ماڻهو پنهنجي آمدنيءَ سان ڪيترو ۽ ڪيئن خريد ڪري سگهي ٿو. خريداريءَ جي سگهه (Purchasing Power) هڪ اهڙو معيار آهي، جيڪو ماڻهن جي زندگيءَ جي معيار کي ماپي ٿو. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي آمدنيءَ سان بنيادي ضرورتن جهڙوڪ کاڌو، رهائش، تعليم، صحت ۽ ٻين شين کي آسانيءَ سان خريد ڪري سگهن ٿا، ته پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته اهي خوشحال آهن. پر جيڪڏهن متا ستا جي ناڻي جا ذخيرا وڌي رهيا آهن، پر عام ماڻهوءَ جي آمدنيءَ ۾ واڌ نه پئي ٿئي، يا مهانگائيءَ جي ڪري سندن خريداريءَ جي صلاحيت گهٽجي رهي آهي، ته پوءِ اهڙي معاشي ترقيءَ جو عوام لاءِ ڪو خاص فائدو ناهي.
اڪثر ترقي پذير ملڪن ۾، متا ستا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ واڌ کي وڏي ڪاميابيءَ طور پيش ڪيو ويندو آهي. پر حقيقت ۾، اهي ذخيرا اڪثر قرضن، پرڏيهي امداد يا ريمٽنسز ذريعي وڌندا آهن، جيڪي پائيدار معاشي ترقيءَ جو ثبوت نه هوندا آهن. مثال طور، جيڪڏهن ناڻي جا ذخيرا قرضن جي بنياد تي وڌيا آهن، ته اهو مستقبل ۾ وڌيڪ قرضن جي ادائيگيءَ جو بار وجهندو، جيڪو عام ماڻهوءَ تي ٽيڪسز يا مهانگائيءَ جي صورت ۾ منتقل ٿيندو. ان کان علاوه، ريمٽنسز جي وهڪري ۾ واڌ به ناڻي جي ذخيرن کي وڌائي سگهي ٿي، پر اهو پڻ ان ڳالهه تي منحصر آهي ته پرڏيهي ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو ڪيتري رقم موڪلي رهيا آهن، نه ڪي اهو مقامي معيشت جي مضبوطيءَ جو ثبوت آهي. ان ڪري سڄي دنيا ۾ خوشحاليءَ جي پرک جي ڪسوٽي عام ماڻهوءَ جي قوتِ خريد وڌڻ کي مڃيو ويندو آهي. پر اسان جا حڪمران جڳ کان نرالا آهن. ڪاميابيءَ جون دعوائون به ان ڳالهه تي، جنهن جو سڌي ريت عوام جي خوشحاليءَ سان ڪو به تعلق ڪونهي.

بقايا 01 ++*++*++

ڪردار ادا ڪندو. ابراهيم معاهدي تي ڳالهيون جاري آهن. آمريڪي صدر چيو ته مون کي هتي دعوت ڏيڻ لاءِ توهان جو تمام گهڻو شڪريو. منهنجي حڪومت جي 8 مهينن دوران سٺيون تبديليون اچڻ شروع ٿي ويون آهن. پوئين انتظاميا اسان جي ملڪ کي بيشمار مسئلن سان منهن ڏنو. ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته آمريڪا ۾ افراط زر گهٽجي ويو آهي، سيڙپڪاري وڌي رهي آهي، آمريڪي معيشت مضبوط آهي ۽ سرحدون محفوظ آهن. جيڪڏهن ڪو غيرقانوني طور تي آمريڪا ۾ داخل ٿئي ٿو ته ان کي جيل وڃڻو پوندو. هن چيو ته هڪ سال اڳ آمريڪا سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو هو. اسان اقتدار ۾ آيا ۽ افراط زر کي ڪنٽرول ڪيو. آمريڪا پنهنجي سونهري دور مان گذري رهيو آهي. اسان کي معاشي تباهي ورثي ۾ ملي. آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي سطح تي عزت ۽ وقار حاصل ڪري رهيو آهي.

بقايا 02 ++*++*++

ايڊيشنل چيف سيڪريٽري داخلا، ڪمشنر پشاور سميت ٻيا اهلڪار شامل هئا. ملاقات ۾ وادي تيراه ۾ پيش آيل ناخوشگوار واقعي جي تناظر ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو ۽ واقعي ۾ شهيد ٿيلن جي درجن جي بلندي لاءِ فاتحه پڙهي وئي. ملاقات دوران وڏي وزيراعلي جي شهيدن جي وارثن لاءِ هر هڪ کي ڪروڙ روپيا معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو. وزيراعليٰ علي امين گنداپور چيو ته واقعي ۾ عام شهرين جي شهادت افسوسناڪ ۽ قابل مذمت آهي. دهشتگردن خلاف ڪاروائين جي نتيجي ۾ عام شهرين جي شهادت ناقابل قبول آهي. ملاقات ۾ اڳتي اهڙن ناخوشگوار واقعن کي روڪڻ لاءِ حڪمت عملي تي تفصيلي غور ڪيو ويو ۽ ان سلسلي ۾ مشران تي مشتمل جرڳي جي اعليٰ عسڪري اهلڪار سان ملاقات ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. عسڪري اهلڪارن سان جرڳي جي ملاقات ۾ علائقي ۾ اڳتي لاءِ طريقه ڪار طئي ڪيو ويندو. باجوڙ جي نموني تي تيراه ۾ به امن امان قائم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪئي ويندي. ملاقات ۾ علائقي ۾ امن لاءِ علائقي جي ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. ياد رهي ته وزيراعليٰ جي مواصلات ۽ تعميرات بابت معاون سهيل آفريدي ڪالهه خيبرپختونخوا اسيمبلي جي اجلاس ۾ ان واقعي تي آواز بلند ڪيو هو. جنهن چيو هو ته وادي تيراه ۾ رات جو 2 وڳي بمباري ڪئي وئي. سهيل آفريدي الزام لڳايو ته مقامي ماڻهن تي 'مارٽر' بم وسايا ويا'. 25 ماڻهن جون زندگيون ضايع ٿيون، جن ۾ عورتون ۽ ٻار پڻ شامل هئا. انهن هن واقعي جي ذميواري سيڪيورٽي فورسز تي آهي. خيبرمان قومي اسيمبلي جو ميمبر محمد اقبال خان آفريدي به ان واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ پشتو ٻولي ۾ جاري ڪيل وڊيو پيغام ميڊيا سان شيئر ڪيو جنهن ۾ هن چيو ته تيراه ۾ 'جيٽ جهازن جي گوليباري' ۾ وڏي عمر وارين عورتون ۽ ٻار مارجي ويا. اقبال خان عوام تي زور ڏنو ته اهي جڳهه تي پهچي ان خلاف احتجاج ڪن. ايم اين اي چيو ته هي پهريون واقعو ناهي، 'عام ماڻهن جو قتل عام معمول بڻجي چڪو آهي'.

بقايا 03 ++*++*++

انڪم سپورٽ پروگرام کي فراڊ ڪوئينڊڙ سياسي اڳواڻ هڪ ڪروڙ گهراڻن جي توهين ڪئي آهي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو ڪنهن سياسي پارٽي سان واسطو ناهي ان پروگرام کي فراڊ چوندڙ سياسي اڳواڻ بيان تي معافي وٺي ٻوڏ جي بيان تي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ کان پاسي ڪيو وڃي اڳاري تي بي آءِ ايس پي هيڊ ڪوارٽر ۾ پيس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته بينظير انڪم پروگرام ٻوڏ متاثرن کي سهولتون فراهم ڪري سگهي ٿو هن چيو ته بي آءِ ايس پي شفافيت رفتار سان عوام جو اعتماد کٽيو هي پروگرام غريبن جي بقا ۽ وقار جو سهارو آهي هن چيو ته بي آءِ ايس پي سڀ کان بهتر ۽ فوري رليف جو ذريعو آهي ڪرونا ۾ به هن پروگرام تحت لکين گهراڻن کي رليف فراهم ڪيو ويو هن چيو ته بي آءِ ايس پي وٽ مفصل ڊيٽا موجود آهي جنهن جي ذريعي ٻوڏ متاثرن کي بروقت ۽ شفاف ذريعي سان امداد ڏئي سگهجي ٿي هن چيو ته هن پروگرام سان هڪ ڪروڙ گهراڻا ڳنڍيل آهن هن پروگرام جو آڊٽ جو طور طريقو آهي هن چيو ته دنيا جا ٻيا ملڪ بينظير پروگرام مان سکڻ اچي رهيا آهن هي پروگرام ماڻهن جون زندگيون بهتر بنائي رهيو آهي پروگرام سان هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ٻار تعليمي وظيفا وٺي رهيا آهن

بقايا 04 ++*++*++

۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو. اجلاس ۾ پنڪ اسڪوٽيز پروگرام جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ڪنول پٽو سميت ٻين آفيسر شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت هلندڙ هفتي عورتن ۽ شاگرديائڻين لاءِ مفت اليڪٽرڪ اسڪوٽيز ڏيڻ وڃي رهي آهي، هي سهولت عورتن جي لاءِ هڪ انقلابي قدم آهي. عورتن کي روزاني آمدورفت ۾ سولائي ٿيندي. هن چيو ته هن سهولت جي فراهمي سان وقت جي بچت، سفري سهولتن ۾ گهٽتائي سان گڏ عورتن کي هڪ محفوظ ۽ باوقار سفر ميسر ايندو. هي اسڪيم خاص طور تي انهن عورتن جي لاءِ آهي، جيڪي روزانو تعليم، ملازمت يا ٻين ضرورتن لاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ تي ڀاڙينديون آهن. سينئر وزير

شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته درخواست گذار عورتن ۽ شاگرديائڻين جو رڪارڊ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ذريعي ترتيب ڏنو پيو وڃي، شفاف ميڪنزم تحت ميرٽ ۽ ضرورت جي بنياد تي اليڪٽرڪ اسڪوٽيز الاٽ ڪيون پيون وڃن. هن چيو ته سنڌ سرڪار طرفان هڪ شفاف ۽ سٽائوٽريڪيڪار اختيار ڪيو ويو آهي ته جيئن وڌ کان وڌ عورتون هن سهولت مان لاڀ ماڻي سگهن. سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته عورتون پنهنجي زندگي جي هر شعبي ۾ خودمختيار هجن ۽ هي اسڪيم انهن لاءِ هڪ هاڪاري قدم ثابت ٿيندي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سمورين شاگرديائڻين ۽ ملازمت پيشه عورتن کي هن سهولت مان ڀرپور فائدو وٺڻ گهرجي ۽ سنڌ سرڪار ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت چاهي ٿي ته عورتن کي اهڙا موقعا مهيا ڪيا وڃن جن سان تعليم، نوڪري ۽ ٻين سرگرمين ۾ پوري ريت حصو وٺي سگهن.

بقايا 05 ++*++*++

آل الشيخ جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته شيخ عبدالعزيز بن عبدالله آل الشيخ جو لاڏاڻو نه رڳو سعودي عرب پر پوري مسلمان امت جي لاءِ ڏک جو لمحو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف شيخ عبدالعزيز بن عبدالله آل الشيخ کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته هو هڪ اهڙو جليل القدر عالم دين هو جنهن پنهنجي پوري زندگي قرآن ۽ سنت جي ترويج، شريعت مطهره جي توضيح ۽ امت جي رهنمائي ۾ وقف ڪري ڇڏي. مسلمان امت جي اتحاد جي لاءِ سندس ڪوشش ۽ علمي بصيرت کي سدائين ياد رکيو ويندو. هن چيو ته ديني ۽ علمي روايت ۾ مرحوم جون خدمتون هڪ روشن باب جي حيثيت رکن ٿيون ۽ سندس ڇڏيل علمي ورثي مان ايندڙ نسلون رهنمائي حاصل ڪنديون رهنديون. وزيراعظم چيو ته پاڪستاني عوام ۽ حڪومت پائر ملڪ سعودي عرب جي عوام ۽ سعودي قيادت جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن. آئون مرحوم جي گهرياتين، خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز، ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان ۽ پوري سعودي قيادت ۽ عوام سان دلي تعزيت جو اظهار ڪريان ٿو هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندس ديني خدمتن کي شرف قبوليت فرمائي.

بقايا 06 ++*++*++

۾ غربت جي شرح وڌي 24.8 سيڪڙو ٿي وئي ۽ 25_2024 ۾ اها شرح 25.3 سيڪڙو تائين وڃي پهتي. هن چيو ته 2001 کان 2015 تائين پاڪستان ۾ غربت جي شرح ۾ سالياني 3 سيڪڙو گهٽتائي ٿي هئي ۽ سال 2015 کان 2018 تائين پاڪستان ۾ غربت جي شرح ۾ سالياني هڪ سيڪڙو گهٽتائي ٿي، سال 2022 کانپوءِ غربت جي شرح ۾ واڌ ٿي آهي ۽ سال 2020 ۾ غربت جي شرح ۾ ڪورونا کانپوءِ واڌ ٿي. عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر چيو ته 2011 کان 2021 دوران ماڻهن جي آمدني ۾ رڳو 2 کان 3 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. گهٽ آمدني وارن شعبن ۾ 85 سيڪڙو ماڻهو ملازمت ڪندا آهن. جڏهن ته غيررسمي شعبن ۾ 95 سيڪڙو ماڻهو ملازمت ڪندا آهن.

بقايا 07 ++*++*++

۾ 50 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي. گريڊ 1 کان 22 تائين سڀني مستقل ملازمن جي پگهارن ۾ 70 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي. جڏهن ته گروپ انشورنس ۽ خيراتي فنڊ جي وقت سرادائيگي ڪئي وڃي ۽ پينشن ۾ ڪا به ڪٽوتي نه ڪئي وڃي. اڳواڻن چيو آهي ته سنڌ جي سرڪاري اسپتالن جي او پي ڊي ۽ آفيسون انهن سڀني مطالبن جي منظوري لاءِ مڪمل طور تي بند رهنديون. رڳو ايمرجنسي سروسز فراهم ڪيون وينديون. اهو اعلان گرينڊ هيلٿ الائنس (جِي ايڇ اي) جي ڪالهه سول اسپتال ڪراچي ۾ ٿيل اجلاس کانپوءِ ڪيو ويو. اجلاس ۾ پي ايم اي، واءِ ڊي اي، واءِ اين اي، الائيڊ هيلٿ پروفيشنلز ايسوسيئيشن سنڌ، سنڌ پيرا ميڊيڪل اسٽاف، پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف 041 ۽ 2076، ينگ پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي چيئرمين حاجي محمد اشرف خاصخيلي سميت ڪيترن ئي اڳواڻن شرڪت ڪئي. اڳواڻن واضح ڪيو ته هي قدم سرڪاري ملازمن جي جائز مطالبن جي منظوري لاءِ کنيو ويو آهي ۽ بائيڪاٽ تيستائين جاري رهندو جيستائين حڪومت هاڪاري قدمن جو اعلان نه ڪندي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جا سڀئي سرڪاري ملازم هڪ پليٽ فارم تي گڏ آهن ۽ پنهنجي حقن لاءِ ڪنهن به قرباني کان پوئتي نه هٽندا.

بقايا 08 ++*++*++

کان پوءِ پارٽي سيڪيورٽي اهلڪارن ڪيس حراست ۾ وٺي ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ پوءِ ساڳي پرواز ذريعي واپس ڪابل موڪلي ڇڏيو. پارٽي سيڪيورٽي فورسز موجب ڇوڪرو بنا ڪنهن رنڊڪ جي ڪابل ايئرپورٽ ۾ داخل ٿيو. مسافرن جي پويان لڪي جهاز تائين پهتو ۽ ڦيٿن واري حصي ۾ وڃي لڪي ويهي رهيو. سيڪيورٽي چڪاس دوران عملي کي ڇوڪري وٽان هڪ ڳاڙهي رنگ جو ننڍڙو آڊيو اسپيڪر به مليو انڊين ايڪسپريس موجب ڇوڪرو اصل ۾ ايران وڃڻ چاهيو پيو پر ڪيس خبر ئي نه هئي ته جهاز نئين دهلي وڃي رهيو آهي. افغان سرحدي پوليس جي ترجمان ٻڌايو ته واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته اهڙي طريقي سان ڦيٿن ۾ لڪي سفر ڪرڻ جا واقعا آمريڪا ۽ يورپ ويندڙ پروازن ۾ به ٿين ٿا، پر اڪثر ماڻهو بچي

ويڪسين: ڪاميابي، مخالفت ۽ انساني بقا جو سفر

پروفيسر اختيار گهمرو

ويڪسين کي جديد طبي سائنس جي سڀ کان وڏي ڪاميابي مان هڪ شمار ڪيو وڃي ٿو ڇو ته ان انسانيت کي ڪيترين ئي موت مار ۽ وبائي بيمارين کان بچايو آهي، پر ان سان گڏ هڪ ڏکو تاريخي باب اهڙو به آهي، جتي ويڪسين ۽ ٻين نون سائنسي ايجادن جي مخالفت مذهبي ۽ سماجي تنظيمن، سياسي ڌرين ۽ عوامي افواهن جي صورت ۾ نظر اچي ٿي.
ايڊورڊ جينر جڏهن 18هين صديءَ ۾ ماتا جي خلاف ويڪسين تيار ڪئي، تڏهن ڪيترن مذهبي اڳواڻن ۽ عام ماڻهن ان جي مخالفت ڪئي. ماڻهن ۾ اهو خوف وڌايو ويو ته ويڪسين ڳئونءَ جي سيلن مان ٺهيل آهي، جيڪا ماڻهن کي جانورن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي. اها افواهه ايتري عام ٿي وئي جو والدين پنهنجن ٻارن کي ويڪسين لڳرائڻ کان انڪار ڪرڻ لڳا. ان دور ۾ ويڪسين کي خدا جي حڪم ۾ مداخلت قرار ڏنو ويو ۽ ڪيترن مذهبي عالمن جو خيال هو ته بيماري خدا جي طرفان آزمائش يا سزا آهي، تنهن ڪري ان جو علاج ڪرڻ بدران صبر ڪرڻ گهرجي. اهڙي قسم جا دليل مسلمان ملڪن ۾ به ڏسڻ ۾ آيا، جتي ڪڏهن ڪڏهن فتويٰ جاري ڪئي ويندي هئي ته ويڪسين ۾ حرام جزا شامل آهن، تنهن ڪري ان کان پاسو ڪيو وڃي. برصغير ۾ برطانوي راڄ جي دور ۾ به ويڪسين جي مخالفت ڪئي وئي، خاص طور تي جڏهن ماڻهن ۾ اهو شڪ پيدا ڪيو ويو ته ويڪسين ۾ جانورن جو رت شامل آهي، جيڪو مذهبي طور حرام آهي، تنهن ڪري مسلمان ۽ هندو ٻنهي طرفان مزاحمت پيدا ٿي.
ويڪسين جي مخالفت جو هڪ وڏو پهلو سماجي ۽ سياسي بي اعتمادي سان پڻ جڙيل رهيو آهي. يورپ ۾ 19هين صديءَ ۾ "اينٽي ويڪسينيشن ليگ" جو قيام ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪجهه سماجي ڌريون ويڪسين کي انساني آزادي خلاف تصور ڪنديون هيون. انهن جو چوڻ هو ته سرڪار پاران زبردستي ويڪسين لڳائڻ فرد جي آزاديءَ تي ڌاڙو آهي. آمريڪا ۾ به ويڪسين خلاف احتجاج ٿيا، خاص طور تي جڏهن حڪومت اسڪولن ۾ داخلائن لاءِ ويڪسين لازمي قرار ڏني. نتيجي طور ڪيترن والدين پنهنجن ٻارن کي اسڪول وڃڻ کان به روڪي ڇڏيو. ويڪسين خلاف عالمي سطح تي سڀ کان ڏکي مزاحمت پوليو ويڪسين خلاف ٿي، جنهن ۾ خاص طور تي پاڪستان، افغانستان ۽ نائجيريا ۾ مذهبي حلقن پاران افواهه هلائي وئي ته پوليو ويڪسين نامرد ڪري ڇڏيندي يا اها مغربي سازش آهي ته جيئن مسلمانن جي آبادي گهٽجي وڃي. ان نتيجي ۾ لکين ٻار ويڪسين کان محروم ٿي ويا ۽ پوليو جي خاتمي جي عالمي مهم رنڊڪ جو شڪار ٿي وئي.
ساڳي طرح 2020 ۾ جڏهن ڪورونا وائرس جي وبا لاءِ ويڪسين تيزي سان تيار ٿي، تڏهن سڄي دنيا ۾ مذهبي ۽ سماجي مخالفتن جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿيو. ماڻهن ۾ اهو شڪ وڌايو ويو ته ڪورونا ويڪسين ۾ "چپ لڳائي پئي وڃي"، جنهن سان ماڻهن کي ڪنٽرول ڪيو ويندو، يا اهو ته ويڪسين ايمان جي آزمائش آهي. ڪيترن ئي سماجي ميڊيا پليٽ فارمن تي غلط ڄاڻ ۽ افواهن جو طوفان اڀريو، جنهن عام ماڻهن کي شڪ ۽ خوف ۾ وجهي ڇڏيو. نتيجي ۾ ڪيترن علائقن ۾ ويڪسين جي شرح گهٽ رهي ۽ بيماريون وڌي ويون. مثال طور، يورپ ۽ آمريڪا ۾ "اينٽي ويڪسرس" جي پروپيگنڊا سبب والدين خسري جي ويڪسين کان پاسو ڪرڻ لڳا، جنهن سان خسري جا ڪيس ٻيهر وڌيا ۽ ڪيترائي ٻار مري ويا.
اهڙيون مخالفتون صرف ويڪسين تائين محدود نه رهيون، پر انسان جي تاريخ ۾ تقريبن هر ايجاد پنهنجي شروعاتي دور ۾ اهڙي مزاحمت جو شڪار ٿي. ڇاپخاني/پرنٽنگ پريس جي ايجاد تي يورپ ۾ چرچ سخت مخالفت ڪئي، ڇاڪاڻ ته سندن خيال ۾ ڪتابن جي آساني سان ڇپجڻ سان سندن اجاراداري ختم ٿي ويندي. بجلي ۽ برقي بلب جي شروعاتي دور ۾ به ماڻهن چيو ته رات جو مصنوعي روشني خدا جي قدرت ۾ مداخلت آهي. ريل گاڏي جڏهن ايجاد ٿي ته هندستان ۾ مذهبي اڳواڻن چيو ته گڏجي سفر ڪرڻ سان ذات پات جو فرق ختم ٿي ويندو، جيڪو سندن سماجي نظام لاءِ خطرو آهي. فوٽوگرافي ۽ سينما کي "حرام" سڏيو ويو ۽ ٽيليويزن کي شيطاني اوزار قرار ڏنو ويو. انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جي اچڻ تي به اهڙي ئي مخالفت ٿي، جتي ڪيترن ان کي سماجي ۽ مذهبي قدرن لاءِ خطرو قرار ڏنو ڊجيٽل ڪرنسي ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس خلاف به شروعاتي مزاحمت جاري آهي. پر وقت ثابت ڪيو ته اهي سڀ ايجادون انساني زندگيءَ کي آسانيون ۽ نوان موقعا فراهم ڪنديون رهيون.
انساني صحت ۾ سڀ کان وڏو خطرو ڪينسر کي سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو هر سال لکين انساني حياتيون ڪسي وٺي ٿو. عالمي صحت اداري جي رپورٽ مطابق دنيا ۾ هر سال لڳ ڀڳ 10 ملين ماڻهو ڪينسر سبب فوت ٿين ٿا. پاڪستان ۾ به هر سال لڳ ڀڳ هڪ نئون ۽ خوفناڪ انگ سامهون اچي رهيو آهي. خاص طور تي عورتون ڇاتي ۽ ٻچي دانيءَ جي ڪينسر سبب وڏي پيماني تي متاثر ٿين ٿيون. سرويڪل ڪينسر کي عورتن جي وڏي قاتل بيمارين مان هڪ سڏيو وڃي ٿو ۽ اندازو آهي ته هر ٻن منٽن ۾ هڪ عورت هن بيماري سبب فوت ٿئي ٿي. هي رڳو جاني نقصان تائين محدود ناهي، پر ان جا مالي ۽ سماجي اثر به انتهائي سخت هوندا آهن. هڪ ڪينسر جي مريض جو علاج سالن تائين جاري رهي ٿو جنهن ۾ ڪيموٿراپي، ريڊيوٿراپي ۽ سرجري شامل هوندي آهي، ۽ ان جا خرچ غريب ۽ وچولي طبقي جي خاندانن لاءِ برداشت کان ٻاهر هوندا آهن. پاڪستان ۾ ڪينسر جو هڪ مريض سراسري طور ڏهه لک کان ٽيهه لک رپين تائين خرچ ڪري ٿو، جنهن سبب ڪيترائي خاندان غربت ۾ ڌڪجي پون ٿا، يا پنهنجون ملڪيتون وڪڻي مريض جو علاج ڪرائين ٿا. ان سان گڏوگڏ مريض ۽ سندس گهرياتي ذهني دٻاءُ ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿين ٿا. مريض ۾ مايوسي ۽ سماجي طور الڳيپڻي جا احساس وڌن ٿا، جڏهن ته گهر ۾ عورتون ۽ ٻار مريض جي سار سنڀال ڪري سندن زندگي ۽ تعليم متاثر ٿئي ٿي.
اهڙي بيماري جي روڪڻ لاءِ جديد سائنس هڪ اهم اڳيرائي ڪئي آهي. سرويڪل ڪينسر خلاف ويڪسين (ايڇ پي وي ويڪسين) تيار ڪئي وئي آهي، جيڪا ڇوڪرين کي ننڍپڻ ۾ لڳائي وڃي ته مستقبل ۾ ان بيماري جا 80 سيڪڙو ڪيس گهٽجي سگهن ٿا. دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ اهو پروگرام ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي، ۽ تحقيقن ثابت ڪيو آهي ته جتي جتي هي ويڪسين عام ٿي آهي، اتي سرويڪل ڪينسر جي شرح ۾ 70 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽتائي ٿي آهي. پاڪستان ۾ به 2023 کان يونيسيف ۽ ڊبليو ايڇ او جي سهڪار سان ايڇ پي وي ويڪسين مهم شروع ڪئي وئي آهي، جتي اسڪولن ۾ ڇوڪرين کي ويڪسين ڏني پئي وڃي. پر هتي به ڪجهه ڌرين پاران ان خلاف واويلا ڪئي وئي آهي. ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته چو ته اهو وائرس جنسي طور منتقل ٿيندو آهي، تنهن ڪري ويڪسين ڇوڪرين کي اخلاقي بي راهرو بڻائيندي. ٻين پاران چيو ويو ته ويڪسين ۾ حرام جزا شامل آهن. نتيجي ۾ ڪيترن علائقن ۾ والدين پنهنجن ٻارن کي ويڪسين کان روڪڻ لڳا آهن. جڏهن ته سائنسي تحقيقون واضح ڪن ٿيون ته هي ويڪسين عورتن جي زندگين کي بچائڻ لاءِ آهي ۽ ان جو اخلاقيات يا سنڌ ٿيڻ سان ڪو تعلق ناهي.
اسان جي پنهنجي يادگيرين ۾ به ويڪسين جي حوالي سان خوف ۽ وسوسا ڏسڻ ۾ آيا آهن. پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ دوران (1975_1980)، تڏهن اسڪولن ۾ ٽڪا لڳائڻ لاءِ ايندڙ ٽيم جي اچڻ جي خبر ٻارن لاءِ وڏي ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي ويندي هئي. هڪ ڀيري اسان کي جڏهن ٻڌايو ويو ته مليريا لاءِ رت جو ٽيسٽ ڪيو ويندو ۽ ٽڪا لڳايا ويندا، تڏهن سڄي اسڪول جا ٻار ڊپ ۾ اچي اسڪول ڇڏي ڀڄي ويا هئا. افواهه هئي ته اهي اسان جي رت ڪپائيندا ۽ غلط سيون هڻندا. پر جڏهن استادن سڀني کي نياپو ڪيو ته جيڪو ٽڪا نه لڳرائيندو ان جي داخلا ختم ڪئي ويندي يا امتحان ۾ فيل ڪيو ويندو، تڏهن سڀئي ٻار ڊپ جي باوجود واپس آيا سين ۽ ٽڪا لڳرايا. ان تجربي مان اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته وسوسا ۽ افواهه سدائين کان ويڪسين ۽ بيمارين جي بچاءُ بابت ماڻهن ۾ پيدا ڪيا ويندا رهيا آهن، پر حقيقت ۾ اهي ويڪسينون انساني زندگين جي بچائڻ ۽ مستقبل کي صحتمند بڻائڻ لاءِ ضروري آهن. هڪ ڏکي تاريخي سفر کان پوءِ اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ويڪسين هجي يا ڪا به نئين ايجاد، شروعاتي مخالفتن باوجود انساني ترقي ۽ تحفظ جو اهم اوزار بڻجي ٿي. مخالفن جي دليلن ۾ ڪڏهن مذهبي رنگ هوندو آهي، ڪڏهن سماجي ۽ سياسي بي اعتمادي، پر وقت جي ڪسوٽي تي سائنس ۽ تحقيق ثابت ڪيو آهي ته انساني پلاٽي ۽ بقا لاءِ جديد ايجادون ۽ ويڪسينون ضروري آهن. ان ڪري، اسان کي وسوسن، افواهن ۽ بي بنياد خوفن بدران علم، تحقيق ۽ سچائيءَ تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي، ته جيئن نه رڳو پنهنجو پر ايندڙ نسلن جو به تحفظ ڪري سگهون. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ويڪسين ۽ دوائن خلاف واويلا هميشه هڪجهڙي صورت ۾ نه ٿيندي آهي. انهن جا سبب ڪڏهن اخلاقي اعتراض (جهڙوڪ ذاتي آزاديءَ جو حق ۽ رياست جو حڪم)، سائنس تي بي اعتمادي، منفي تجربا (مثلاً نقصانڪار بيچ يا غلطيون)، ۽ ڪڏهن سياسي يا اقتصادي مفاد به رهيا آهن. انهن مان ڪي اعتراض صحتمند تنقيد جي صورت ۾ هئا، جهڙوڪ دوائن جي اثرائتي ۽ خطري جي شفاف جانچ جي گهر. جڏهن ته ٻيا پراڻن يا غلط دعوائن تي ٻڌل هئا، جيڪي سائنسي مواصلات جي کوٽ ۽ عوامي شعور جي گهٽتائي سبب زور وٺندا رهيا.

نٽا سگهن. گهڻا ماڻهو لهڻ وقت بيهوشي دوران ڦيٿن کلي وڃڻ سبب هيٺ ڪري فوت ٿي ويندا آهن.

بقايا 09 ++*++*++

پاڪستان جي آمريڪا پهچڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي، اتي اهو به ٻڌايو ويو آهي ته وزيراعظم گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ پنهنجي خطاب ۾ ڪشمير ۽ فلسطين مسئلي بابت پاڪستان جو موقف پيش ڪندو. بيان ۾ چيو ويو آهي ته وزيراعظم گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي ڪوئايل اعليٰ سطحي تقريبن ۾ شرڪت ڪندو، جن ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جا اهم اجلاس، گلوبل ڊيولپمينٽ انيشيئيٽو (جي ڊي آءِ) جي اعليٰ سطحي اجلاس ۽ موسمياتي ڪارروائي سان لاڳاپيل خاص اعليٰ سطحي تقريب شامل آهن. بيان ۾ اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته وزيراعظم آمريڪي صدر ٽرمپ سان اسلامي ملڪن جي اڳواڻن جي ملاقات ۾ به شرڪت ڪندا ته جيئن علائقائي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جو ڏي وٺ ڪري سگهجي. ان کانسواءِ وزيراعظم اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ عالمي اڳواڻن ۽ گڏيل قومن جي اعليٰ عملدارن سان پڻ ملاقاتون ڪندو، جنهن ۾ گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ويچار ڪيو ويندو.

بقايا 10 ++*++*++

آفيسر عبدالقدير پيڙ مطابق سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ٻارن کي وظيفا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي پريس رليز موجب هي وظيفا تعليمي سال 2025_26 لاءِ هوندا. درخواست فارم حڪومت پاڪستان اسٽيبلشمنٽ ڊويزن، اسٽاف ويلفيئر آرگنائيزيشن بلاڪ نمبر A_66 پاڪستان سيڪريٽريٽ صدر ڪراچي مان 31 آڪٽوبر 2025 تائين حاصل ڪري سگهجن ٿا. هن فيصلي تحت وفاقي سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت ٻارن کي تعليمي وظيفا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا 11 ++*++*++

ئي هڪ صحت مند معاشري جي جوڙجڪ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. اها ڳالهه هن پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) اسلام آباد ۾ "صدمي جي بحالي تائين، سڙيل چمڙيءَ جي علاج جي معيار ۾ بهتري" جي موضوع تي منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪئي. صحت واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ سڙيل مريضن جي موت واري شرح گهڻي وڌيڪ آهي ۽ ان جي سدباب لاءِ فوري قدمن جي ضرورت آهي. سڙيل مريض مناسب علاج نه ٿيڻ سبب فوت ٿي ويا آهن. هن چيو ته احتياط علاج کان بهتر آهي، تدابيرن ۽ بيمارين کان بچاءُ تي ڌيان ڏيڻو پوندو. بيماري جي شروعات ٻار جي پيدائش سان شروع ٿيندو آهي. پاڪستان ۾ 68 سيڪڙو بيماريون پاڻي جي سبب پيدا ٿينديون آهن. مصطفيٰ ڪمال چيو ته اسان جي ذميواري آهي ته ماڻهن کي بيمار ٿيڻ کان پهرين بچائيون. اسان جو هيلٿ ڪيئر سسٽم سڪ ڪيئر سسٽم آهي اسان ماڻهن جي بيمار ٿيڻ جو انتظار ڪندا رهندا آهيون ان کي حقيقي معنن ۾ هيلٿ ڪيئر سسٽم ۾ تبديل ڪرڻو آهي. سرويڪل ڪينسر جي روڪٿام جي حوالي سان مصطفيٰ ڪمال ٻڌايو ته پاڪستان دنيا جو 151هون ملڪ آهي جتي سرويڪل ڪينسر جي ويڪسينيشن جي شروعات ڪئي وئي آهي، ڪينيڊا، آمريڪا ۽ سعودي عرب جهڙن ملڪن ۾ نياڻين کي اها ويڪسين لڳائي پئي وڃي، ڪيترن ملڪن ۾ ته 8 ڪلاس ۾ داخلا کان اڳ سرويڪل ڪينسر ويڪسين لازمي قرار ڏني وئي آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ هر سال لڳ ڀڳ 5000 عورتون ان بيماري جون شڪار ٿي رهيون آهن. جيڪڏهن بيمارين کان بچائڻ آهي ته اسان کي ويڪسينيشن ڪرائڻي پوندي، بيمارين کان بچاءُ حفاظتي تدابيرن ۽ شروعاتي ويڪسينيشن تي ڌيان ڏنو ويو ته صحت جي نظام تي بار گهٽ ٿي سگهي ٿو.

بقايا 12 ++*++*++

بن عبدالله الشيخ جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ سوڳوار خاندان لاءِ صبر جي دعا ڪئي ۽ اسلامي دنيا سان تعزيت جو اظهار ڪيو گورنر سنڌ خادم الحرمين الشريفين ولي عهد ۽ سعودي عوام سان به تعزيت جو اظهار ڪيو گورنر سنڌ چيو ته اڄ اسلامي دنيا جا مسلمان هڪ عظيم مذهبي عالم کان محروم ٿي ويا آهن. شيخ عبدالعزيز بن عبدالله الشيخ اسلامي دنيا جو هڪ قيمتي اثاثو هو ۽ سندس خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو.

بقايا 13 ++*++*++

گڏيل قومن دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ انسانيت جي بقا لاءِ هڪ اثرائتي ۽ اجتماعي حڪمت عملي طور ڪم ڪري ٿي. هن وڌيڪ چيو ته جن اصولن تي گڏيل قومن جو بنياد رکيو ويو هو اهي اڄ محاصري ۾ آهن. امن ۽ ترقي جا ستون بي حسي، عدم مساوات ۽ سزا کان بچڻ جي وزن هيٺ لرزجي رهيا آهن. انتونيو گوتريس وڌيڪ چيو ته دنيا هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي جنهن ۾ غير ذميوارانه خلفشار ۽ مسلسل انساني مصيبتون شامل آهن. سيڪريٽري جنرل، ميمبر ملڪن کي خطاب ڪندي چيو ته سوال اهو آهي ته: اسان ڪهڙي قسم جي دنيا ٺاهڻ چاهيون ٿا؟ اسان کي فيصلو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته انساني الميئن ۽

ماحولياتي خطرن جا گهڻ مسلسل اسان جي سامهون وڃي رهيا آهن. گڏيل قومن جي سربراهه وڌيڪ چيو ته خودمختيار ملڪن تي حملو ڪيو پيو وڃي، بک کي هٿيار طور استعمال ڪيو پيو وڃي، سچ کي دٻايو پيو وڃي، ۽ شهرن جي ملبي مان دونهون اٿي رهيو آهي. فلسطين جي صورتحال جو خاص طور تي حوالو ڏيندي، انتونيو گوتريس چيو ته غزه ۾ وحشت جاري آهي ۽ اتي قتل عام ۽ تباهي جو پيمانو سڀ حدون پار ڪري چڪو آهي.

بقايا 14 ++*++*++

ڪيس جي دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي ته پي ٽي آءِ جا باني فيصل ملڪ ۽ سلمان اڪرم راجا ۽ خاص پراسيڪيوٽر ظهير شاهه ۽ اڪرام امين ٽيم سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيا. ان موقعي تي، دفاع جي وڪيلن چيو ته 19 سيپٽمبر جي عدالتي ڪارروائي ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي فوٽيج فراهم ڪئي وڃي، ۽ عدالتي ڪارروائي کي ان وقت تائين روڪيو وڃي جيستائين هاءِ ڪورٽ جيل ٽرائل منتقل ڪرڻ جو حڪم نه ڏئي. وڪيل فيصل ملڪ عدالت کي ٻڌايو ته باني پي ٽي آءِ سان صلاح مشوري تائين عدالتي ڪارروائي جو حصو نه ٿو بڻجڻ چاهي. عدالت چيو ته گذريل ٻڌڻي دوران، توهان باني سان ڳالهايو ۽ هن عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو. توهان کي هاءِ ڪورٽ ۾ واٽس ايپ ڪميونيڪيشن کي چيلينج ڪرڻ گهرجي. وڪيل فيصل ملڪ چيو ته اسان هاءِ ڪورٽ ۾ واٽس ايپ ڪميونيڪيشن کي چيلينج ڪيو آهي. واٽس ايپ ڪالز کي ويڊيولنڪس نه ٿو سمجهي سگهجي. اسان کي هن عدالت جي پوئين حڪم کي چيلينج ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي.

بقايا 15 ++*++*++

فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪيترائي پروگرام شروع ڪيا، پاڪستان صنفي مساوات تي مڪمل يقين رکي ٿو ۽ عورتن کي بااختيار بنائڻ جي لاءِ موثر قدم کڻي رهيو آهي. سومر جي ڏينهن نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ عورتن جي چوٿين عالمي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي نائب وزيراعظم اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان صنفي مساوات تي مڪمل يقين رکي ٿو ۽ عورتن کي بااختيار بنائڻ جي لاءِ بهتر قدم کڻي رهيو آهي. پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان ۾ عورتون هر شعبي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. 30 سال اڳ بيجنگ ۾ صنفي مساوات تي معاشري جي جوڙجڪ جو واعدو ڪيو. هڪ اهڙي مستقبل جو خواب ڏٺو هو جنهن ۾ عورتن کي خودمختيار بنائڻ شامل هو پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح به عورتن کي خودمختيار بنائڻ جو چيو. اسحاق ڊار وڌيڪ چيو ته پاڪستان هن دور ۾ صنفي مساوات ۾ مثبت رجحان پيش ڪيو. پاڪستاني عورتون، سياست، عدليه، فوج، پوليس ۽ بيورو ڪريسي ۾ شامل آهن. پاڪستان بافخر انداز سان مسلمان دنيا جي پهرين وزيراعظم بينظير ڀٽو کي چونڊ ڪيو. هاڻ پنجاب صوبي ۾ پهريون ڀيرو عورت وزيراعليٰ مريم نواز کي چونڊ ڪيو ويو.

بقايا 16 ++*++*++

خانگي ٽي وي جي رپورٽ موجب اينٽي انڪروچمينٽ ٽريبونل حيدرآباد قرار ڏنو هو ته جامشورو جي ديهه مول ۾ 893 ايڪڙ ايراضي تي بحريه ٽائون جو قبضو غير قانوني آهي لاڳاپيل زمين نجي ملڪيت آهي ۽ هي پبلڪ پراپرٽي جي زمري ۾ نه ٿي اچي ته عدالتي حڪمن تي جامشورو ۾ بحريه ٽائون جي اڏاوت ڊاهي پٽ ڪئي وئي هي ڪارروائي 20 ، 21 سيپٽمبر جي رات ڪئي وئي هئي اينٽي انڪروچمينٽ جي حڪمن بعد رينيو حيدرآباد جي هدايت تي بحريه ٽائون جي قبضي هيٺ زمين تي قبضا روڪ ٿام، جوآ پريشن شروع ڪيو ويو هو آپريشن ۾ سمورين غير قانوني اڏاوتن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي.

بقايا 17 ++*++*++

۽ عوامي رابطن کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ملاقات ۾ انڊونيشيا، ملائيشيا، فلپائن، ٿائلينڊ، برونائي دارالسلام، ويتنام ۽ ميانمر جا سفير ۽ سينيئر سفارتڪار شريڪ ٿيا جيڪي اسلام آباد ۾ آسيان جي نمائندگي جي وسيع تر دائري جي عڪاسي ڪن ٿا. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان نه صرف ٻه طرفو واپار وڌائڻ چاهي ٿو پر ٽيڪنالاجي، هنر ۽ انفراسٽرڪچر ۾ مستحڪم پائيداري قائم ڪرڻ چاهي ٿو هن چيو ته سمورن آسيان ملڪن سان پاڪستان جا ناتا خوشگوار آهن ۽ هاڻ ان کي وڌيڪ وڌائڻ جو وقت آهي. جام ڪمال خان سفيرن کي پاڪستان جي نئين واپاري پاليسي، ڳاڍين جي آمدني واپار جي پاليسي، وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ ٽيرف ۾ سڌارن ۽ نارتعاون ڪائونسل سان ايف ٽي اي تي اڳيرائي کان به آگاهه ڪيو. هن چيو ته پاڪستان سينٽرل ايشيا جو گيٽ وي آهي ۽ نئين ٽرانزٽ ٽريڊ معاهدن سان خطي جي پائيوارن لاءِ خرچ گهٽ ٿي رهيا آهن. هن آسيان ڪمپنين کي سي پيڪ تحت خاص اقتصادي زونز ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏيندي چيو ته پاڪستان ۾ ناڻي واڌ هڪ اڻگ تائين اچي وئي آهي ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن لاءِ ڪاروباري ماحول بهتر بڻايو ويو آهي. جام ڪمال خان چيو ته پاڪستان ۾ اچي شيون تيار ڪريو ويليو ايڊيشن ڪريو ۽ پوءِ ان کي ري ايڪسپورٽ ڪريو. هن ٻڌايو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٽريڊ ڊسپيوٽ ريزولوشن ڪميشن قائم

ڪيو ويو آهي ته جيئن عالمي ڪمپنين جا تڪرار فوري حل ڪري سگهجن آسيان جي سفيرن پاڪستان جي ڪوشش جي ساراهيو ۽ واپاري ناتن کي وڌا امڪان قرار ڏنو ملائيشين سفير پاڪستاني ڪمپنين کي ملائيشيا جي وڌندڙ چپ ميڪنگ انڊسٽريءَ ۾ حصو وٺڻ جي آڇ ڪئي جڏهن ته ٻين سفيرن تعميرات ۽ بجلي جي شعبن ۾ آسيان جي موجوده سيڙپڪاريءَ کي اجاگر ڪيو. سمورن سفيرن پاڪستان جي ميزبانيءَ کي ساراهيو ۽ ٻه طرفي واپار، سيڙپڪاري، مذهبي سياحت، هنر جي متاستا ۽ سپلاءِ چين پائيوارين کي تيز ڪرڻ تي زور ڀريو آسيان 1967ع ۾ قائم ٿي هئي ۽ اڄ دنيا جي تيزيءَ سان وڌندڙ مارڪيٽ ۾ شمار ٿئي ٿو پاڪستان 1993ع ۾ آسيان جي شعبه جاتي ڊائلاگ پارٽنر بڻيو ۽ هاڻ مڪمل ڊائلاگ پارٽنر جو درجو حاصل ڪرڻ جو خواهشمند آهي.

بقايا 18 ++*++*++

خان جي سربراهي ۾ 8 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪندي. بينچ ۾ جسٽس جمال مندوخيل، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس عائشا ملڪ، جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس مسرت هلالي، جسٽس نعيم اختر افغان ۽ جسٽس شاهد بلال شامل آهن.

بقايا 19 ++*++*++

لاڳاپيل تڪن ۾ اسڪولن جي موڪل جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن موجب بلدياتي چونڊن وارن تڪن ۾ 24 سيپٽمبر (اربع ڏينهن) عام موڪل هوندي. ٻئي طرف سنڌ جي 14 ضلعن جي 28 سيٽن تي ضمني چونڊن کي نظر ۾ رکندي سنڌ جي تعليم کاتي ضلعي جي تعليمي آفيسرن ۽ ڊائريڪٽوريٽ، پرائيويٽ اسڪولز کي خط لکي ڇڏيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته بلدياتي ضمني چونڊن وارن ضلعن ۾ اسڪولن ۾ پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويندا. سنڌ جي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽوريٽ پرائيويٽ اسڪولز ۽ ضلعي تعليمي آفيسرن کي تعاون جا حڪم به جاري ڪيا ويا آهن نوٽيفڪيشن موجب گهوٽڪي، سکر، خيرپور، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، مٽياري، حيدرآباد، جامشورو، دادو، بدين ۽ ٺٽي ۾ عام موڪل هوندي، انهي کان علاوه ڪراچي ويسٽ، ڪراچي ايسٽ ۽ ڪياماڙي جي ضلعن ۾ به 24 سيپٽمبر (اربع) تي اسڪول، سرڪاري ۽ ٻيا ڪاروباري ادارا بند رهندا.

بقايا 20 ++*++*++

سهولتن، عدالتي عملن، ثقافت جي فروغ، زراعت جي چڪاس، ٽيڪسيشن سڌارن ۽ روڊ سيفٽي ۾ وڏين سڌارن جي منظوري ڏني. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ صوبائي وزير، صلاحڪار، خاص مددگار، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ۽ اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. ٻوڏ جي تياري ۽ امدادي جواب: شروعات ۾، وڏي وزير ڪابينا کي ٻوڏ جي حالتن بابت بريفنگ ڏني، اهو نوٽ ڪندي ته سنڌ چهن هفتن کان خطري ۾ هئي. پهرين لهر 24 آگسٽ تي گڊو بئراج تي 534,000 ڪيوسڪ، ان کان پوءِ سکر تي 481,000 ڪيوسڪ ۽ ڪوٽڙي تي 273,000 ڪيوسڪ آندو. 15 سيپٽمبر تي ٻي لهر 635,000 ڪيوسڪ تي پهتي 1.1 ملين ڪيوسڪ تائين جي اڳڪٿين جي باوجود. بروقت موبلائيزيشن ڪنٽرول کي يقيني بڻايو. 28 رٽيل رليف ڪئمپن مان صرف 17 کي چالو ڪيو ويو، جنهن 192,122 ماڻهن جي مدد ڪئي. صحت کاتي 145 طبي ڪئمپن ۾ 134,240 مريضن جو علاج ڪيو. جڏهن ته لائيو اسٽاڪ کاتي 1.6 ملين ڍورن کي ويڪسين ڏني. سيد شاهه آبپاشي وزير جام خان شورو ۽ آبپاشي سيڪريٽري ظريف کيرو، وزيرن، ايم پي ايز ۽ ضلعي انتظاميا جي انهن جي فيلڊ ۾ موجودگي ۽ اجتماعي ڪوشش جي تعريف ڪئي. هن خبردار ڪيو ته موسمياتي تبديلي ايندڙ سال اڳ ۽ وڌيڪ سخت مون سون جو سبب بڻجي سگهي ٿي، "موسمي حقيقتن" جي مطابق تياري تي زور ڏيندي. مالي سڌارا ۽ بنيادي سطح تي بااختيار بڻائڻ: سنڌ جي مالي قاعدن، 2023 ۽ مالي طاقتن جي ضابطن جي تفويض ۾ ترميمون بقايا دعوائن جي جاچ کي غير مرڪزي بڻائين ٿيون، دير کي گهٽائڻ لاءِ ڊپارٽمينٽل ڪميٽين کي بااختيار بڻائين ٿيون. 10 سالن کان وڌيڪ پراڻن دعوائن کي اڃا تائين مالي کاتي جي منظوري جي ضرورت پوندي. هڪ تاريخي قدم ۾، مالي خودمختياري جي ڪاسٽ سينٽرن ذريعي 34,106 اسڪولن تائين وڌايو ويو آهي، جنهن سان هيڊ ٽيچرز کي آپريشنل فنڊن تائين سڌو سنئون رسائي حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. مختيارڪار مٽياري ۽ سکر ۾ هڪ پائلٽ ليند ڊجيٽلائيزيشن پروگرام تحت مالي اختيار پڻ حاصل ڪندا، جنهن سان خرچن ۾ 0.2 ملين رپين تائين جي اجازت ملندي. وڏي وزير چيو ته اهو اڳيئن سڌارن جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪي ايس ايچ اوز کي بااختيار بڻائيندا ۽ گراس روٽ تي سروس ڊليوري کي مضبوط ڪندا. اصلاحي، عدالتي: ڪابينا نئين نهيل ضلعي جيل ۽ اصلاحي سهولت، هڪ 250 قيدين جي سهولت، کي سنڌ جي جيل ۽ اصلاحي خدمتن جي تحت وڌيڪ رش کي گهٽائڻ لاءِ نوٽيفڪيشن ڏنو. تيرهن دهشتگردي جي خاتمي واري عدالتن کي منشيات سان لاڳاپيل ڪيسن کي سنڀالڻ لاءِ خاص عدالتن جي طور تي ٻيهر ڊزائين ڪيو ويو. جڏهن ته

ضلعي ۽ سيشن عدالتن ۽ عدالتي مئجسٽريٽ کي وقف عدالتن جي قيام تائين عبوري اختيار ڏنا ويا. ثقافت ۽ سياحت جو مينڊيٽ وڌايو ويو: ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز کاتي کي هڪ وسيع ڪردار ڏنو ويو، جنهن ۾ سنڌي ثقافت جي عالمي ترويج، سياحت جي خدمتن جي ضابطي، پيشه ورانه تربيت، مسودن جي ڊجيٽلائيزيشن، آثار قديم جي تحفظ، ۽ ٻولي جي ترويج شامل آهن اهو سنڌي ٻولي اٿارٽي، سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن، ۽ سنڌ بورڊ آف فلم سينسر جي نگراني پڻ ڪندو. زراعت ۽ ٽيڪسيشن سڌارا: ڪابينا وزن ۽ ماپ جي ڪيليبريشن ۽ اسپات تصديق کي بهتر بڻائڻ لاءِ انسپيڪشن لاءِ موبائل ٽيسٽنگ يونٽس اسڪيم تحت 99.960 ملين رپين جي ماليت جي 10 موبائل ٽيسٽنگ وين جي خريداري جي منظوري ڏني. روزاني معائنو 10_12 کان وڌي 30_35 ٿيندو. ضلعي ٽيمون ڊپٽي ڪمشنرن جي ماتحت ڪم ڪنديون. ٽيڪس جي بنياد کي وسيع ڪرڻ: ٽيڪس جي بنياد کي وسيع ڪرڻ لاءِ، سنڌ ريونيو بورڊ (ايس آر بي) کي ڊيٽا شيئرنگ ۽ ڪمپني رجسٽريشن انٽيگريشن لاءِ ايف بي آر، پي آر اي ايل ۽ ايس اي سي پي سان ايم او يو تي دستخط ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو. آمدني جي اٿرن کان سواءِ درجه بندي ڪوڊ کي آسان بڻائڻ لاءِ نو ترميمي نوٽيفڪيشن پڻ منظور ڪيا ويا. ٽرانسپورٽ جي حفاظت: ڪابينا سڄي سنڌ ۾ 10 هيوي گاڏين جي فٽنيس سينٽر قائم ڪرڻ جي تجويز کي منظور ڪيو پنج مرڪز ڪراچي ۾ ۽ هڪ هڪ ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر ۾ ٺاهيا ويندا. جديد يورپي ٽيسٽنگ سامان استعمال ڪندي، ان قدم جو مقصد ٽرانسپورٽ جي حفاظت کي جديد بڻائڻ، حادثن کي گهٽائڻ ۽ تعميل کي بهتر بڻائڻ آهي. وڏي وزير ٽرانسپورٽ کاتي کي هدايت ڪئي ته دلچسپي رکندڙ/پيشه ورڊرين کان درخواستون طلب ڪري ۽ انهن مان هڪ کي ميرٽ تي پرتي ڪري. موسمياتي لچڪ، مالي بااختيار بڻائڻ، عدالتي سڌارا، ثقافتي فروغ، زرعي نگراني، ٽيڪس ڊجيٽلائيزيشن، ۽ روڊ سيفٽي کي گڏ ڪندي، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه شفاف گورننس، گراس روٽ بااختيار بڻائڻ ۽ پائيدار ترقي لاءِ وسيع بنياد تي عزم جو اشارو ڏنو.

بقايا 21 ***

ساڍا 7 ڪلو سون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ليويز ذريعن موجب ملتان کان ڪوئيٽا ايندڙ بس ۾ سوار پنجاب جا 2 سونارا سون کڻي وڃي رهيا هئا ته مسلم باغ جي پرسان 3 ڌاڙيلن ۾ سوار هٿيار بند جوابدارن بس کي روڪيو. مسافرن کي سامان سميت هيٺ لاٿو. 25 ڪروڙ جو سون ڦر ڪيو ۽ سمورن مسافرن کي واپس بس ۾ ويهاري فرار ٿي ويا. ليويز ذريعن موجب ڦورن جي وارادات جو شڪار ٿيندڙ سونارن اختيارين کي ٻڌايو ته اهي سون ڪوئيٽا ۾ خريدارن تائين پهچائڻ جي لاءِ وڃي رهيا هئا ته انهي دوران اها واردات پيش آئي. ملتان جي متاثر سونارن جو چوڻ آهي ته ڦرڪيل سون جي ماليت 24 ڪروڙ 81 لک روپيه آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته متاثر سونارن جي مدعيت ۾ واردات جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جوابدارن جي ڳولا لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي پئي وڃي ته جيئن جوابدارن کي ڪنهن محفوظ هنڌ تي پهچڻ کان اڳ گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 22 ++*++*++

جنرل ۽ فنانشل ڊيلي انٽرنيشنل جي ايڊيٽر سيد منظر نقوي جي پيءُ جي وفات تي فاتح خواني جو اهتمام ڪري مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي ۽ سيد منظر نقوي سان تعزيت جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 23 ++*++*++

18 پولنگ اسٽيشنن تي مجموعي طور تي 450 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي. ضلعي پوليس پاران واضح ڪيو ويو آهي ته چونڊن دوران هر صورت ۾ امن امان کي برقرار رکيو ويندو. موبائيل پيٽرولنگ سان گڏ ريپڊ ريسپانس فورس به هر وقت تيار رهندو ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري ڪارروائي ڪري سگهجي. ايس ايس پي حيدرآباد عوام کي اپيل ڪئي آهي ته اهي پرامن رهن ۽ پنهنجي ووٽ جي حق کي آزادي طور ۽ پر امن ماحول ۾ استعمال ڪن.

بقايا 24 ++*++*++

سينيٽ جي بجاءُ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ڪالهه پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪميٽيءَ جي نئين چيئرمين جي چونڊ جو عمل ٿيو. اجلاس دوران سينيٽر عمر فاروق، سينيٽر محمد طلحه محمود کي ڪميٽيءَ جي چيئرمين لاءِ نامزد ڪيو. جڏهن ته سينيٽر سرمد علي ان جي تائيد ڪئي ايوان گڏيل طور تي سينيٽر محمد طلحه محمود کي چيئرمين چونڊي ورتو. چونڊجڻ کانپوءِ سينيٽر محمد طلحه محمود پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته بجاءُ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي سينيٽ جي سڀ کان اهم ڪميٽين مان هڪ آهي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته سمورا ڪميٽيءَ جا ميمبر گڏجي دفاعي معاملن ۾ بهتري آڻڻ ۽ قومي سلامتي جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. هن چيو ته پاڪستان جي فوج ملڪ جي دفاع، سرحدن جي حفاظت ۽ امن ۽ امان جي قيام لاءِ جيڪي قربانيون ڏنيون آهن اهي پوري قوم لاءِ فخر جوڳيون آهن. تازي پاڪ_ ڀارت ڇڪتاڻ دوران پاڪستاني فوج جنهن

مختلف شعبن ۾ ڪاروباري تعليم جي اهميت

ڊاڪٽر محمد نواز ٽنيو

هائير ايجوڪيشن ڪميشن طرفان سڀني ڊگري پروگرامز ۾ اينٽرپرينيورشپ جي مضمون کي لازمي قرار ڏيڻ هڪ اهم ۽ سوچيل سمجهيل قدم آهي. دنيا ۾ علم ۽ ٽيڪنالاجي جي تيزي سان ٿيندڙ تبديلين ماڻهن کي صرف نوڪري حاصل ڪرڻ کان اڳتي نڪري، پاڻ ۾ ڪاروبار شروع ڪرڻ، نون خيالن کي اڳتي وڌائڻ ۽ سماج ۾ پنهنجي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ جي سکيا ڏين ٿيون. اهڙي صورتحال ۾ نوجوان نسل کي صرف ڪتابي ڄاڻ ڏيڻ ڪافي ناهي، پر ڪين عملي طور تي اهڙي سکيا ڏيڻ ضروري آهي، جيڪا ڪين پنهنجي روزگار جا رستا ڳولهڻ ۾ مدد ڪري. ان ڪري هائير ايجوڪيشن ڪميشن اهو فيصلو ڪيو آهي ته هر شعبي جي شاگرد کي ڪاروباري سوچ، نئين جدت ۽ تخليق جي سکيا لازمي طور تي ڏني وڃي.
هاڻي جيڪڏهن مختلف شعبن ۾ ڪاروبار جي سکيا جي اهميت ڏسجي ته اها هر جڳهه تي ضروري لڳي ٿي. مثال طور سائنس جي شاگرد جيڪڏهن ڪاروبار جي سکيا حاصل ڪن ٿا ته هو پنهنجي دريافتن ۽ ايجادن کي مارڪيٽ ۾ آڻي سگهن ٿا. هڪ سائنسي تحقيق کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ واپار جي سکيا ضروري آهي، ٻي صورت ۾ اهو خيال صرف ڪتابن يا ليبارٽري تائين محدود رهندو. اهڙي طرح هڪ زراعت پڙهندڙ شاگرد جيڪڏهن ڪاروبار جي سکيا حاصل ڪري ٿو ته هو جديد طريقن سان زراعت ۾ جدت آڻي پنهنجي لاءِ نئون ڪاروبار پيدا ڪري سگهي ٿو. هو زرعي پيداوار کي نون طريقن سان مارڪيٽ تائين پهچائي سگهي ٿو ۽ مقامي سطح تي زراعت کي منافعو ڏيندڙ شعبي ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو.
ساڳي طرح طب ۽ صحت جي شعبي ۾ ڪاروبار جي سکيا نيون سهولتون پيدا ڪري سگهي ٿي. هڪ ڊاڪٽر يا صحت جو شاگرد جيڪڏهن ڪاروبار جي حڪمت عملي کي سمجهي ٿو ته هو صحت جي سهولتن کي نئين ماڊلز ذريعي عوام تائين پهچائي سگهي ٿو. مثال طور ننڍن ڪلينڪ، موبائل هيلٿ سروسز يا ڊجيٽل صحت جا ڪاروبار نوجوانن لاءِ نوان موقعا کولي سگهن ٿا. اهڙي ريت صحت جو شعبو رڳو نوڪري تائين محدود نه رهندو پر روزگار ۽ ڪاروبار جو به ذريعو بڻجندو. ان کان علاوه سماجيات ۽ انسانيات جي شاگردن لاءِ به ڪاروبار جي سکيا اهم آهي. سماجي ادارن کي مضبوط ڪرڻ غير سرڪاري تنظيمن کي خودمختيار بڻائڻ ۽ نون سماجي ڪاروباري ماڊلز کي متعارف ڪرائڻ لاءِ واپار جي سکيا ضروري آهي. هڪ سماجيات پڙهندڙ شاگرد سماجي مسئلاحل ڪرڻ لاءِ ڪاروباري خيال استعمال ڪري سگهي ٿو جيئن ته غربت، تعليم، صحت يا ماحولياتي مسئلاحل ڪرڻ لاءِ سماجي ڪاروباري ماڊلز تيار ڪري سگهجن ٿا.
ادب ۽ فن جي شعبي ۾ به واپار جي سکيا نئون رخ ڏئي ٿي. هڪ شاعر، ليکڪ يا فنڪار جيڪڏهن ڪاروبار جي سوچ رکي ٿو ته هو پنهنجن ڪم کي عالمي سطح تائين پهچائي سگهي ٿو. ڪتابن جي اشاعت، آن لائين ڪورسز، ڊجيٽل فنون يا سوشل ميڊيا ذريعي پنهنجي صلاحيتن کي مارڪيٽ ۾ آڻڻ لاءِ ڪاروبار جي سکيا ضروري آهي. ادب پڙهندڙ شاگرد پنهنجي لکڻين کي رڳو ذاتي شوق تائين محدود نه رکندي، ان کي آمدني جو ذريعو بڻائي سگهي ٿو. ان سان گڏ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي جي شاگردن لاءِ به ڪاروبار جي سکيا انتهائي ضروري آهي. جديد دنيا ۾ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل ڪاروبار جهڙوڪ ايپس، سافٽ ويئر يا مشينن جي ڊيزائن ذريعي نوجوان نوان ڪاروبار شروع ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن انهن وٽ واپار جي سکيا هوندي ته هو پنهنجن ايجادن کي عالمي مارڪيٽ ۾ پيش ڪري سگهندا ۽ ملڪ لاءِ وڏو منافعو ڪمائي سگهندا.
انهن سڀني شعبن ۾ ڪاروباري سکيا شاگردن کي صرف هڪ ڊگري حاصل ڪرڻ وارو نه ڪندي، پر عملي زندگي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪندي. پر اها ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته واپار جي سکيا ڏيڻ لاءِ استاد وٽ خاص مهارت ۽ علم هجڻ ضروري آهي. هر ڪو استاد ڪاروباري سکيا نه ٿو ڏئي سگهي. ان لاءِ اهڙن استادن جي ضرورت آهي، جيڪي عالمي معيار جي سکيا حاصل ڪري چڪا هجن ۽ جن وٽ عملي تجربو هجي. اهي استاد شاگردن کي رڳو ڪتابي ڄاڻ نه ڏين، پر عملي طور تي سيکارين ته ڪيئن نئون خيال ڪاروبار ۾ تبديل ٿئي ٿو.
مان پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان ته مون انٽرپرينيوئرشپ ۾ پي ايڇ ڊي آسٽريا مان ڪئي آهي ۽ هاڻي يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز جي ڪاروبار جي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهيان. مان رڳو پڙهائڻ تائين محدود ناهيان، پر عملي طور تي شاگردن ۽ ڪميونٽي لاءِ تربيتون، صلاح مشورا ۽ سهولتون فراهم ڪري رهيو آهيان. منهنجو مقصد آهي ته نوجوانن کي اهڙو رخ ڏيان، جنهن سان هو پنهنجا ڪاروبار شروع ڪري، پنهنجي خاندان لاءِ سهولتون پيدا ڪري ۽ سماج ۾ تبديلي آڻي سگهن. مون پنهنجي تجربي ۾ ڏٺو آهي ته نوجوانن ۾ بي انتها جوش آهي، بس کين صحيح رهنمائي جي ضرورت آهي. جڏهن هو ڪاروباري سوچ سان اڳتي وڌن ٿا ته هو نه رڳو پاڻ کي مضبوط ڪن ٿا پر ٻين لاءِ به نوان موقعا پيدا ڪن ٿا. منهنجي ڪوشش آهي ته مان هر شاگرد کي صرف هڪ مضمون پڙهائڻ وارو استاد نه هجان، پر هڪ عملي رهنما بڻجي انهن کي حوصلا ڏيان.
آخر ۾ اهو چوندس ته واپار جي سکيا رڳو مضمون ناهي، پر زندگي گذارڻ جو هڪ طريقو آهي، جيڪو نوجوان نسل کي خودمختياري، جدت ۽ ترقيءَ لاءِ تيار ڪري ٿو. اسان جهڙا استاد، جيڪي هن شعبي ۾ عالمي سطح جي سکيا رکن ٿا، پنهنجي ملڪ ۽ سماج لاءِ وڌيڪ بهتر ڪم ڪري سگهن ٿا. مون کي پورو اعتماد آهي ته واپار جي سکيا ذريعي نوجوان نسل نه رڳو پنهنجو مستقبل سنواريندو پر ملڪ کي به ترقي ۽ خوشحالي ڏانهن وٺي ويندو.

جرئت ۽ بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو، ان جو مثال دنيا ۾ نٿو ملي ۽ ان سان پاڪستان جو وقار عالمي سطح تي بلند ٿيو سينيٽر طلحه محمود چيو ته ملڪي سلامتي اسان سڀني لاءِ وڌيڪ مقدم آهي ۽ ان معاملي تي پوري قوم کي متحد ٿيڻو پوندو ويجهڙ ۾ سعودي عرب سان ٽئي ٿيل معاهدو پڻ پاڪستان لاءِ نهايت اهميت رکندڙ آهي جنهن تي فخر ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته بجاءُ واري وزارت سان لاڳاپيل ٻين ادارن ۽ انهن ادارن ۾ سڌارن ۽ بهتريءَ جي گنجائش آهي ۽ ڪميٽي هر وقت انهن ادارن ۾ سڌارن ۽ بهتريءَ لاءِ تيار آهي. سينيٽر طلحه محمود الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪندي چيو ته هو 2006 کان مختلف اسٽينڊنگ ڪميٽين خاص ڪري گهرو، ڪابينه سيڪريٽريٽ ۽ ٻين جي چيئرمين جي حيثيت ۾ رهي چڪو آهي. هن چيو ته هاڻي بجاءُ بابت ڪميٽيءَ جي سربراهي سندس لاءِ هڪ اعزاز آهي ۽ هو پنهنجون سمورون صلاحيتون ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪتب آڻيندو. خطي جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ۾ هن چيو ته چترال دفاعي اعتبار سان انتهائي اهم علائقو آهي پر افسوس آهي ته اتي بنيادي ڍانچو نه هئڻ برابر آهي. چيئرمين سينيٽر محمد طلحه چيو ته چترال ايئرپورٽ انتهائي اهميت رکندڙ آهي ته ان کي فوري آپريشنل ڪيو وڃي ته اتي فلائيٽس بند آهن انهن کي به فوري طور تي بحال ڪيو وڃي ته جيئن چترال جي ملڪ جي ٻين علائقن سان رابطي ۾ بهتري اچي. ان موقعي تي سينيٽر عمر فاروق، چيئرمين سينيٽر عبدالقدوس بزنجو، سينيٽر سرمد علي ۽ ٻين ميمبرن سينيٽر طلحه محمود کي چيئرمين چونڊجڻ تي مبارڪون پيش ڪيون ۽ ڪميٽيءَ جي ڪم ۾ مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي.

بقايا 25 ++*++*++

هئي ۾ دشت ۾ ٽريڪ تي ڌماڪي کان پوءِ حادثو جو شڪار ٿي وئي اختيارين جو چوڻ آهي ته حادثي ۾ زخمي ٿيل مسافرن کي ايمبولينس ذريعي ڪوئيٽا اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي طبي امدادي ڏيڻ کان پوءِ دشت ۾ ڌماڪي سبب ٽرين جون 3 بوگيون پٽڙي تان هيٺ لهي ويون، جڏهن ته زخمين کي فوري علاج لاءِ اسپتال پهچايو پيو ويو.

بقايا 26 ++*++*++

لاڳاپيل تڪن ۾ اسڪولن جي موڪل جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن موجب بلدياتي چونڊن وارن تڪن ۾ 24 سيپٽمبر (اربع ڏينهن) عام موڪل هوندي. ٻئي طرف سنڌ جي 14 ضلعن جي 28 سيٽن تي ضمني چونڊن کي نظر ۾ رکندي سنڌ جي تعليم کاتي ضلعي جي تعليمي آفيسرن ۽ ڊائريڪٽوريٽ، پرائيويٽ اسڪولز کي خط لکي ڇڏيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته بلدياتي ضمني چونڊن وارن ضلعن ۾ اسڪولن ۾ پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويندا. سنڌ جي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽوريٽ پرائيويٽ اسڪولز ۽ ضلعي تعليمي آفيسرن کي تعاون جا حڪم به جاري ڪيا ويا آهن نوٽيفڪيشن موجب گهوٽڪي، سکر، خيرپور، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، مٽياري، حيدرآباد، جامشورو، دادو، بدين ۽ ٺٽي ۾ عام موڪل هوندي، انهي کان علاوه ڪراچي ويسٽ، ڪراچي ايسٽ ۽ ڪياماڙي جي ضلعن ۾ به 24 سيپٽمبر (اربع) تي اسڪول، سرڪاري ۽ ٻيا ڪاروباري ادارا بند رهندا.

بقايا 27 ++*++*++

۾ مليريا جا 74 هزار 843 ڪيس سامهون آيا آهن، جيڪي مجموعي طور سڄي صوبي ۾ سڀ کان وڌيڪ آهن. لاڙڪاڻو ڊويزن ۾ 41 هزار 924، شهيد بينظيرآباد ڊويزن ۾ 17 هزار 905، سکر ڊويزن ۾ 12 هزار 617 ڪيس ظاهر ٿيا آهن. ميرپورخاص ڊويزن ۾ 12 هزار 542 ۽ ڪراچي ڊويزن ۾ 2 هزار 242 ڪيس ظاهر ٿيا آهن. مجموعي طور تي صوبي ۾ هن سال مليريا جا ڪل 1 لک 62 هزار 91 ڪيس سامهون آيا آهن. صحت کاتي موجب اهڃا به ڪيسز ۾ واڌ جو خطرو آهي، ڊينگي جي حوالي سان به صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي، سنڌ ۾ هن سال تائين ڊينگي جا 557 ڪيسز رپورٽ ٿيا آهن. سڀ کان وڌيڪ ڪيسز ڪراچي ڊويزن ۾ 456 رپورٽ ٿيا آهن. ڪراچيءَ جي ضلعي ايسٽ ۾ ڊينگي سبب هڪ موت جو واقعو به ٿيو آهي. حيدرآباد ڊويزن ۾ 62، ميرپورخاص ۾ 31، شهيد بينظيرآباد ۾ 4، سکر ۾ 3 ۽ لاڙڪاڻي ۾ 1 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. حيدرآباد ۾ ڊينگي سبب هڪ ڄڻو ظاهري وقت تي علاج نه ٿيڻ سبب فوت ٿيو آهي. صحت کاتي شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته مڇرن کان بچاءُ لاءِ حفاظتي اپاءَ اختيار ڪن ۽ بخار جي صورت ۾ فوري طور تي ٽيسٽ ڪرائين ته جيئن بروقت علاج ڪري سگهجي.

بقايا 28 ++*++*++

قومي وسيلن جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي، ادارا وزيراعظم جي ڪرپشن کان پاڪ پاڪستان جي ويژن موجب هم آهنگيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. هن اها ڳالهه هتي وزارت ۾ نيب طرفان هڪ آيل

سرڪاري ايراضيءَ جي حوالگي جي باقاعده تقريب کي خطاب ڪندي چئي. وفاقي حڪومت طرفان وزيراعظم جي خاص مددگار هٿ ڪيل ايراضي وصول ڪئي جيڪا نيشنل اڪائونٽيبلٽي بيورو (نيب) جي ڊپٽي چيئرمين سهيل ناصر ۽ ڪي پي ڪي جي ڊائريڪٽر جنرل نيب فرمان الله صنعت ۽ پيداوار واري وزارت جي حوالي ڪئي. تقريب ۾ صنعت ۽ پيداوار واري سيڪريٽري سيف انجم، نيب جي نمائندن ۽ ڊائريڪٽر جنرل فريدون اڪرم شيخ پڻ شريڪ هئا. نيب جي ڪاوشن سان 310 ڪينال سرڪاري ايراضي جنهن جي ماليت اربين رپيا آهي جيڪا جوهري پور ۾ واقع آهي. بازياب ڪري صنعت ۽ پيداوار واري وزارت جي حوالي ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي هارون اختر جي وزيراعظم جي هدايت موجب قومي وسيلن جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. هن چيو ته ادارا وزيراعظم جي ڪرپشن کان پاڪ پاڪستان جي ويژن موجب هم آهنگيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن هن نيب ۽ وفاقي حڪومت جي گڏيل ڪاوشن سان قومي اثاث قوم جي مفاد ۽ محفوظ ٿي رهيا آهن هن ان ڪاميابيءَ کي وزيراعظم جي شفافيت ۽ احتساب بابت ويژن جو هڪ عملي ثبوت قرار ڏنو.

بقايا 29 ++*++*++

خاتمي ۽ ملازمن کي نوڪري دوران گروپ انشورنس، بينول فنڊ، ڊسپينسري الائونس وارن جائز مطالبن جي حمايت ڪندي 23 کان 27 سيپٽمبر تائين سموري سنڌ ۾ تالابندي ۽ الائنس پاران 16 آڪٽوبر تي بلاول هائوس ڏي ڌرڻي واري ڪال جي حمايت ڪندي چيو آهي ته پ پ سنڌ جي هارين، مزدورن کان پوءِ هاڻي سرڪاري ملازمن کي به پٽ لڳائڻ چاهي ٿي. پ پ جي حڪومت جو آءِ ايم ايف جي آشيرواد سان معاشي پاليسي جوڙڻ ۽ سنڌ جي سرڪاري ملازمن تي نافذ ڪرڻ سندن غلاماڻي ذهنيت جي عڪاسي آهي. صوبائي امير سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته هو سرڪاري ملازمن جي نمائنده تنظيمن سان ڳالهيون ڪري ملازمن جي جائز مطالبن کي تسليم ڪري ٻي صورت ۾ جماعت اسلامي ملازمن سان گڏجي سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪندي جماعت اسلامي احتجاج ڪندڙ سرڪاري ملازمن کي ڪڏهن به ڪيلو نه ڇڏيندي. اسان هن مشڪل وقت ۾ هر فورم تي سندن ٻانهن ٻيلي آهيون ۽ رهنداسين.

بقايا 30 ++*++*++

جبلن کان بلند ۽ سمنڊ کان گهري آهي. هاڻ جينومڪس سهڪار سان پاڪ_ چين دوستي انساني جينوم جهڙي ٻامعني ڏي وٺي آهي. وزارت طرفان جاري بيان موجب هن اهم ڳالهه گوانگ زو ۾ بيجنگ ۽ جينومڪس انسٽيٽيوٽ (بي جي آءِ) جي هيڊ ڪوارٽر جي دوري جي موقعي تي چئي. ان موقعي تي جينومڪس انسٽيٽيوٽ طرفان پاڪستاني ماهرن لاءِ 500 تربيتي اسڪالرشپس ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو. وفاقي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جينومڪس ۾ سهڪار پاڪ_ چين دوستيءَ ۾ نئون باب آهي. ٻئي ملڪ روڊن ۽ بجلي گهر ٺاهڻ کان اڳيان وڏي زندگيءَ جي بنيادي نقشي کي سمجهڻ طرف وڃي رهيا آهن. نئي پيڪ 2.0 جينومڪس ۽ بائيو ٽيڪنالاجي ذريعي صحت، غذائي تحفظ ۽ جدت تي ٻڌل روشن مستقبل جي ضمانت آهي. هن چيو ته جينومڪس صرف بيمارين جي علاج تائين محدود ناهي بلڪه پوري قوم جي خوشحالي جي راهه پڻ هموار ڪري ٿو هن چيو ته هاڻ جينوم جهڙي ٻامعني ڏي وٺ ٿي رهي آهي. جينومڪس انسٽيٽيوٽ سي پيڪ تحت جينوم مئپنگ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي منتقلي لاءِ ٽي وئي آهي، بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو سهولت ڪاري ۽ عوامي نعمت بڻايو ويندو هن چيو ته جينوم مڪس سهڪار سان پاڪستان ۽ چين صحتمند نسل، غذائي تحفظ ۽ علم تي ٻڌل معيشت جي ڏور رس اثر مرتب ٿيندا.

بقايا 31 ++*++*++

۾ پروانشل مانيٽرنگ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي. اڳاري ڏينهن جاري پڌرائي مطابق سنڌ جي صوبائي اليڪشن ڪمشنر اعجاز انور چوهان، ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسرز ۽ عملدارن کي هدايتون ڏنيون ته ننڍي مڪاني چونڊن کي پرامن، شفاف ۽ آزادي سان منعقد ڪرڻ هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته سموري پولنگ اسٽيشنن اندر ۽ ٻاهر سيڪيورٽي جا مڪمل انتظام ڪيا وڃن اعجاز انور چوهان چيو ته سمورا آفيسر ۽ عملدار شفاف چونڊ عمل لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻين، چونڊ ۾ ڪنهن قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ جي ڪنٽرول روم چونڊن جي سموري مرحلي جي نگراني ڪندو ۽ نتيجن جي موصولي تائين فعال رهندو، شڪايت يا اطلاع لاءِ فون نمبر 021_99204544 ۽ اي ميل Pmcrsindh@gmail.com تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 32 ++*++*++

۽ پنهنجي ووٽ جي حق کي آزادي طور ۽ پر امن ماحول ۾ استعمال ڪن

بقايا ---- 01

قلم ڇڏ هڙتال ڪري پرامن احتجاج ڪيو آهي جنهن سبب آفيسن جو سرڪاري توڙي خانگي ڪم رولهڙي جو شڪار ٿي ويو ان ڏس ۾ يونين جي اڳواڻن روينيو کاتي جي اسسٽنٽ مختيارڪار قاضي امجد، هاءِ اسڪول ڏوڪري جو هيڊ ماستر عبدالوحد ميمڻ، صحبت علي جسڪاڻي، علي بخش پٺاڻ، پ تي الف اڳواڻ نياز حسين ڀگهيو، ارشاد جوڻيجو، ٻا پڪا اڳواڻ افروز ميراڻي، پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي صدر نادر حسين جوڻيجو ۽ ٻين ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته سنڌ سرڪار ملازمن جا جائز مطالبا حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي "اسان جا مطالبا جائز آهن، سرڪار کي گهرجي ته ملازمن جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ فوري قدم کنيا وڃن، مهانگائي آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي پر پگهارون ساڳي جاءِ تي بيٺل آهن هنن مطالبو ڪندي چيو ته ملازمن جي پگهارن ۾ مهانگائي جي حساب سان الاوئنسز ڏنا وڃن، ايڊهاڪ الائونس کي بيسڪ پگهار ۾ شامل ڪيو وڃي، وقت سر پروموشن ۽ سينيارٽي جا ڪيس حل ڪيا وڃن، رٽائرڊ ملازمن جي پنشن ۾ واڌ ٿيڻ گهرجي ۽ وقت سر ادائيگي ڪئي وڃي، عارضي ۽ ڪنٽريڪٽ ملازمن کي مستقل ڪرڻ لاءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي ۽ ٻيا سمورا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا ---- 02

صحافي الله بخش AB آريسر، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشيل ويلفيئر نور محمد شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر ليبر نور احمد لاڪو، ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ طارق وحيد بلوچ، سماجي اڳواڻ سريش پراگاڻي ۽ ٻين ماهرن شرڪت ڪئي. مقرر ڪيل مهمانن انساني اسمگلنگ ۽ جبري مشقت جهڙن سنگين سماجي مسئلن تي تفصيل سان روشني وڌي ۽ ٻڌايو ته اهي نه صرف انساني حقن جون ڀڃڪڙيون آهن، پر ملڪ جي ...

مطالبن جي ميڄتا تائين ڀرپور احتجاج ۽ تالابندي جاري رکڻ جو اعلان ڪيو آهي

بقايا ---- 06

ڪرڻ هوهي ٽريننگ ايڊووڪيٽ شميلا ميمڻ جي نمائندگي هيٺ ڪرائي وئي، جڏهن ته ماهر ٽرينر مس زينت اوڊيجو ۽ مسٽر انيل ڪمار شرڪت ڪندڙن کي سکيا فراهم ڪئي ٽريننگ ۾ بدين بار جا سينيئر وڪيل مسٽر نظير، مسٽر ڪامران پرڳڙي، مسٽر منڪ لاڙڪ، مسٽر اصغر هاليپوٽو، وڪيل ماڻڪ خواجه، مسٽر جاويد شاهه، مسٽر منظور، مسٽر ارسلان جوڻيجو ۽ ٻين وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هن ٽريننگ ...

نمائندا گهرجن
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
سنڌ جي نالي واري اخبار
مسلسل 15 سال کان شايع ٿيندڙ
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ نمائندن جي ضرورت آهي، صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهن ٿا..
رابطي لاءِ: 03072308754

ريجنل ڊائريڪٽر محتسبِ اعليٰ ذوالفقار علي جوڻيجو جو سول اسپتال ميرپورخاص جو دورو

محتسبِ اعليٰ ذوالفقار علي جوڻيجو مريضن سان ملاقات ڪندي اسپتال ۾ ڏني ويندڙ سهولتن جو جائزو ورتو

ڊاڪٽرز ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف مڪمل طور ڊيوٽي تي موجود، آپريشن ۽ علاج جاري

اسپتال انتظاميا کي وڌيڪ ڪارڪردگي لاءِ هدايتون ڏنيون: ذوالفقار علي جوڻيجو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ريجنل ڊائريڪٽر محتسبِ اعليٰ ذوالفقار علي جوڻيجو ضلعي هيڊڪوارٽر سول اسپتال ميرپورخاص جو تفصيلي دورو ڪيو، ان موقعي تي هن سرجري وارڊ، آرٿوپيڊڪ وارڊ، ميڊيڪل وارڊ، چيسٽ، ڪارڊيو، فزيوٿراپي سينٽر، فارميسي، آپريشن ٿيٽر، ليبارٽري ۽ ايمرجنسي سميت مختلف شعبن جو جائزو ورتو، محتسبِ اعليٰ داخلا ٿيل مريضن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس پاران سيلاب متاثر علائقن ۾ طبي امداد جاري

ڳوٺ لاکو پمبرو ۽ فقير ڳوٺ جي ڪيمپن ۾ مرد، عورتن ۽ ٻارن سميت 200 ماڻهن جو علاج ۽ فرسٽ ايڊ

مختلف ضلعن ۾ هزارين متاثرن کي معياري طبي امداد پهچائڻ جو عمل تيز ڪيو ويو: محمد علي ميرجت

برگيڊيئر طارق قادر لاکير، لطف علي منگريو ۽ ساٿين جي اڳواڻي ۾ مهم ڪاميابي سان جاري

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) پهريون سيپٽمبر کان سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس (SIEHS 1122) متاثر علائقن ۾ طبي امداد فراهم ڪري رهي آهي. اڄ جي ڏينهن ۾ تقريباً 200 ماڻهن جن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل آهن، ڳوٺ لاکو پمبرو ۽ فقير ڳوٺ جي بچاءُ بند سيلاب متاثرن جي ڪيمپن ۾ علاج معالجو ۽ فرسٽ ايڊ جون سهولتون ڏنيون ويون مجموعي طور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

احمدپور ۾ ڪائونسلر جي
خالي پيل سيٽ تي پيهر
اليڪشن اڄ ٿيندي

احمدپور (رپورٽ: سرفراز علي ميتلو) احمدپور ۾ ڪائونسلر جي خالي پيل سيٽ تي پيهر اليڪشن جي سلسلي ۾ انتظاميا پاران تياريون مڪمل ڪيون ويون، پ پ ۽ جي ڊي اي جي اميدوارن ۾ سخت مقابلي جا امڪان. سڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا رپورٽ موجب ٽائون ڪاميٽي احمدپور جي وارڊ نمبر هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس پاران سيلاب متاثر علائقن ۾ طبي امداد جاري آهي

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ٺٽو ۾ سرڪاري ملازمن جو وڏو احتجاجي مظاهرو

پگهارن ۽ پينشن ۾ 50 سيڪڙو اضافو، ڊي آر اي الائونس ۽ فوتي ڪوٽا بحالي سميت مطالبا پيش

ملازمن آفيسن کي تالا هڻي قلم ڇوڙ هڙتال ۽ ڪارا جهنڊا چاڙهيا: علي حسن پراڻي

جائز مسئلا حل نه ٿيا ته 6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس ڪراچي آڏو احتجاج جو اعلان: اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي سنڌ جي سرڪاري ملازمن جي جائز مسئلن پگهارن ۽ پينشن ۾ 50 سيڪڙو اضافو، DRA الائونس 70 سيڪڙو ڏيارڻ سان گڏ سرڪاري ملازمن کي گروپ انشورنس ڏياري سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

محتسبِ اعليٰ ذوالفقار علي
جوڻيجو سول اسپتال
ميرپورخاص جو دورو

ميرپورخاص (رپورٽر) ريجنل ڊائريڪٽر محتسبِ اعليٰ ذوالفقار علي جوڻيجو ضلعي هيڊڪوارٽر سول اسپتال ميرپورخاص جو تفصيلي دورو ڪيو، ان موقعي تي هن سرجري وارڊ، آرٿوپيڊڪ وارڊ، ميڊيڪل وارڊ، چيسٽ، ڪارڊيو، فزيوٿراپي سينٽر، فارميسي، آپريشن ٿيٽر، ليبارٽري ۽ ايمرجنسي سميت مختلف شعبن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ٺٽو ۾ سرڪاري ملازمن جو وڏو احتجاجي مظاهري جو ڏيک

درگاهه محله باده جي رهواسي جو ڏوڪري پريس ڪلب آڏو باثرن خلاف احتجاج

مظاهرين طرفان باثرن پاران ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ ڌمڪيون ۽ پتو وٺڻ جا الزام لڳايا ويا

باڊهه پوليس طرفان لاڪ اپ ڪرڻ تي رهواسين پاران وس وارن کي اپيل ڪئي وئي

ڏوڪري (رپورٽر) درگاهه محله باڊهه جي رهواسي جو ڏوڪري پريس ڪلب آڏو باثرن خلاف احتجاج، باثر ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان مٿان الزام اڇليا آهن. باڊهه پوليس، تفصيل موجب گذريل ڏينهن باڊهه واسي جو ڏوڪري پريس ڪلب آڏو احتجاج. باڊهه واسي امداد جت عرف غلام شبير جت دانهيندي چيو ته منهنجي مامي جو پٽ غلام مرتضي جت مانديءَ تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

اوباوڙو لڳ ڪچي واري علائقي ۾ اڻڄاتل شخص جو هٿ پير ٻڌل لاش هٿ آيو

پوليس جي حد بندي تڪرار سبب لاش ڪلاڪن تائين واقعي واري هنڌ پيل رهيو

مقتول عصمت الله اغوا ۽ پينگ نه ملڻ تي قتل ڪيو ويو: سفيع الله انصاري

وارث آخرڪار لاش اسپتال مان کڻي ويا ۽ تعلقه علائقي خوشاب منتقل ڪيو

اوباوڙو (رپورٽ: عبدالحميد عباسي) اوباوڙو لڳ ڪچي واري علائقي ۾ اڻڄاتل شخص جو هٿ پير ٻڌل لاش هٿ، پوليس جي حد بندي تڪرار سبب لاش ڪلاڪن تائين پيل رهيو رانوتي پوليس پهچي لاش تعلقه اسپتال پهچايو ضروري ڪاروائي بعد لاش وارث کڻائي ويا واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو اوباوڙو اوباوڙو لڳ ڪچي واري علائقي مان اڻڄاتل شخص جو هٿ پير ٻڌل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

تلهار رورل هيلٿ سينٽر ۾ او پي ڊي سميت سمورن آفيسن کي تالابندي

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي 23 کان 27 سيپٽمبر تائين احتجاج جاري رهندو، تالا بندي رهندي

مريض سخت پريشاني ۾، علاج لاءِ آيل سوين ماڻهو بي يارو مددگار ويندا رهيا

مطالبن جي مڃتا تائين تالا بندي جاري رهندي: زينت چانديو، عبدالرشيد ملاح

تلهار (رپورٽر: مختيار احمد ملاح) تلهار سنڌ ايمپلائيز الائنس جي مرڪزي سڏ تي اعلائيل سمورن سرڪاري ادارن کي 23 سيپٽمبر کان 27 سيپٽمبر تائين تالا بندي واري سڏ تي رورل هيلٿ سينٽر تلهار ۾ اوپي ڊي جي تالا بندي ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي غريب آباد
ڪالوني ۾ پيار جو پرڻو
ڪنڌر عدالت پيش

ڄامشورو (رپورٽر) ڪراچي غريب آباد ڪالوني جي ناري ڪوٽڙي جي نوجوان سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو ڪراچي جي غريب آباد ڪالوني جي رهواسڻ فريال ڌيءَ نديم ڪوٽڙيءَ جي رهواسي سمير خاصخيلي سان ڄامشورو جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو پسند جي شادي ڪندڙ فريال چيو ته مان پنهنجي راضي خوشي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

تلهار رورل هيلٿ سينٽر ۾ او پي ڊي سميت سمورن آفيسن کي تالابندي ڪئي وئي آهي

راڻيپور ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

راڻيپور ۽ ڀين شهرن ۾ ملازمن جو احتجاجي ڌرڻو، نعريبازي

6 لک ملازم سراپا احتجاج، سنڌ ۾ معاشي بحران تي ڌيان: اختيار حسين وساڻ

هڙتال معاشي بحران، ڪرپشن، جو ذميوار شاهي طبقو آهي پر ناانصافي وري ملازمن سان آهي

راڻيپور (رپورٽر: مير احمد جوڻيجو) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي گورنمينٽ سچل سرمست بوائيز ۽ گرلس ڪاليج راڻيپور ۽ ڀين شهرن ۾ تمام سرڪاري ادارن جي تالا بندي. اسان گورنمينٽ ملازمن سان ڏيادتيون بند ڪيون وڃن. اسڪتوا مرڪزي وايس چيئرمين اختيار وساڻ ۽ ٻيا اڳواڻ رپورٽ موجب سنڌ ايمپلائيز الائنس جي مرڪزي اڳواڻن جي سڏ تي سنڌ جا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪيٽي بندر ۽ پرپاسي ۾ سرڪاري ملازمن جو احتجاج

پينشن ۾ ڪٽوتي خلاف نعريبازي، رورل هيلٿ سينٽرن ۽ تعليمي ادارن کي تالا هنيا ويا

والدين جو خدشو، شاگرد تعليم کان محروم ۽ مريض علاج لاءِ پريشان ٿي ويا

سنڌ حڪومت استاد دشمني تي لهي آئي آهي، ڊي آر اي الائونس بحال ڪيو وڃي: اڳواڻن جون ڳالهيون

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو قادر عثمان) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي تعلقي ڪيٽي بندر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ سرڪاري ملازمن طرفان احتجاج جو سلسلو جاري آهي. احتجاج دوران تعليمي ادارا ۽ صحت مرڪز بند ڪيا ويا، جنهن سبب شاگردن جي تعليم ۽ مريضن جي علاج واري سهولت متاثر ٿي وئي. احتجاج ڪندڙ ملازمن رورل هيلٿ سينٽر ڪيٽي بندر، هاءِ اسڪول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميهڙ تعلقي ۾ آل سنڌ
ايمپلائيز اتحاد پاران تالا
بندي ۽ ڪم ڇوڙ هڙتال

ميهڙ (رپورٽر) آل سنڌ ايمپلائيز اتحاد مرڪز طرفان ،گورنمينٽ طرفان آندل نوان غير قانوني پينشن رولز (ڊسپيرنسي الائونسز) ۽ ٻين ملازم دشمن پاليسين خلاف سنڌ ايمپلائيز اتحاد جي مرڪزي سڏ تي ميهڙ تعلقي ۾ به تالا بندي ۽ ڪم ڇوڙ هڙتال ڪئي وئي ان موقعي تي ڪو آرڊينيشن ڪاميٽي ضلع دادو بدر الدين ڳوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪيٽي بندر ۽ پرپاسي ۾ سرڪاري ملازمن جو احتجاج جو ڏيک

سئي اي ايڇ ايس 1122 پاران متاثر علائقن ۾ طبي امداد جو سلسلو جاري

ڳوٺ لاکو پمبرو ۽ فقير ڳوٺ جي ڪيمپن ۾ مرد، عورتن ۽ ٻارن کي علاج ۽ فرسٽ ايڊ فراهم

هزارين متاثرن کي معياري طبي سهولتون مهيا ڪيون ويون، ضلعي صحت آفيس جو ڀرپور سهڪار

غلام الله (رپورٽ: بابو جان هنگورجو) پهريون سيپٽمبر کان سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس (SIEHS 1122) متاثر علائقن ۾ طبي امداد فراهم ڪري رهي آهي. اڄ جي ڏينهن ۾ تقريباً 200 ماڻهن جن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

غلام الله: سئي اي ايڇ ايس 1122 پاران متاثر علائقن ۾ طبي امداد جو سلسلو جاري آهي

عمرڪوٽ، پٿورو، سامارو ۽ شادي پلي ۾ سرڪاري ادارن جي مڪمل تالا بندي

سنڌ ايمپلائز الائنس جي سڏ تي اسڪول، ڪاليج، تعلقا اسپتال ۽ روينيو آفيس بند

ملازمن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج، اسڪولن تي ڪارا جهنڊا لڳايا ويا

عمرڪوٽ (ڊ۔رمحمدنبل) سموري سنڌ جيان عمرڪوٽ پٿورو سامارو شادي پلي ڪنري ڍورونارو چور ۾ به سنڌ ايمپلائز الائنس جي سڏ تي سمورن سرڪاري ادارن جي مڪمل تالا بندي ڪئي وئي. سنڌ ايمپلائز الائنس جي سڏ تي گورنمنٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شادي پلي لڳ سيد قبول شاهه غازي جو ميلو

پهريون ملاکڙو شروع پنجن ملاکڙن تي رنگين ميلا

پري پري جا پهلوان حسو وٺن سنڌ سقافت کي اوجاڪر ڪري رهيا آهن: ظفر پٽي

عمرڪوٽ (ڊر محمدبچل) شادي پلي لڳ سيد قبول شاهه غازي جو ميلو هر سال جيئان هن سال به ظفر پٽي جي اڳواڻي ۾ چادر چاڙهي پهريون ملاکڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٿرپارڪر جي ملازمن احتجاج ۾ آفيسن تي تالا

آل روينيو استاد ايسوسيئشن جي استادن شاميانو لڳايو

تدريسي علم معطل، سرڪاري ڪاتن جو ڪم ڪار بند

مٺي (ڊ۔رمحمدرحيم مگريو) سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئشن جي سڏ تي آل روينيو سنڌ ايمپلائيز استاد ايسوسيئشن ٿرپارڪر جي ملازمن ڊي سي آفيس جي گيٽ تي آفيسن جي تالا بندي ڪري احتجاج ڪيو جڏهن ته ٿرپارڪر جي سمورن سرڪاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

جنگشاهي ۾ سرڪاري اسڪول بند، استادن جو پينشن ڪٽوتي خلاف احتجاج

استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي نعريبازي ڪئي، ڊي آر اي الائونس بحال ڪرڻ جو مطالبو

هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ گسٽا يونٽ به احتجاج ۾ شامل، رورل هيلٿ سينٽر ۾ او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو

جنگشاهي (ذوالفقار علي) جنگشاهي ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي جنگشاهي شهر سميت يوسي جنگشاهي 7/3 ۽ يوسي ڪوهستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

جنگشاهي ۾ سرڪاري اسڪول بند، استادن جو پينشن ڪٽوتي خلاف احتجاج جو ڏيک

ٺٽي جي قديمي بخاري قبرستان ۾ برساتي پاڻي بيهي رهڻ ڪري قبرون مسمار ٿيڻ لڳيون

شهرين جو انتظاميا کان فوري گندو پاڻي نيڪال ڪرائي قبرستان کي محفوظ ڪرڻ جو مطالبو

مڇرن جي افزائش ۽ گندگي وڌڻ سان علائقي جا رهواسي پريشاني ۾ مبتلا: سيد علي بخش شاهه بخاري

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي شهر جي قديمي بخاري قبرستان مان برساتي پاڻي جو نيڪال نه ٿيڻ ڪري پاڻي نه نڪرڻ ڪري قبرستان ۾ پاڻي بيهڻ ڪري قبرون مسمار ٿيڻ لڳيون. شهرين پاران فورن قبرستان مان گندو برساتي پاڻي نيڪال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽي جي قديمي بخاري قبرستان ۾ برساتي پاڻي بيهي رهڻ ڪري قبرون مسمار ٿيڻ لڳيون آهن

ڏيپلو ۾ ريڊ فائونڊيشن پاران لٽريسي ڏينهن جو پروگرام

ٻارڙن تقريرون پيش ڪيون، ٽيبلوز ۽ سوال جواب مقابلو

ڇوڪرين جي تعليم تي زور، سيبالس پروجيڪٽ جاري آهي

مٺي (ڊر محمدرحيم مگريو) ڏيپلو انٽرنيشنل لٽريسي ڏينهن جي حوالي سان ريڊ فائونڊيشن ڏيپلو شهر ۾ هڪ وڏو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارڙن تقريرون، ٽيبلوز، سوال جواب جو مقابلو پيش ڪيو. پروگرام ۾ ڇوڪرين جي تعليم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهارو ۾ هائير سيڪنڊري اسڪولن جا استاد هڙتال تي ويٺل

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي اسڪولن کي تالا هڻي تدريسي عمل بند

ٽئين ڏينهن لاءِ احتجاج جاري رکڻ ۽ تدريسي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو

گهارو (رپورٽ: عبداللطيف) سڄي سنڌ جيان هائير سيڪنڊري اسڪول جي استادن پاران سنڌ امپلائيز الائنس جي سڏ تي اسڪول کي تالا هڻي هڙتال ڪئي وئي، تفصيل موجب گهارو هائير سيڪنڊري اسڪول جي استادن طرفان اسڪول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گهارو ۾ هائير سيڪنڊري اسڪولن جا استاد هڙتال ڪري رهيا آهن

راڻيپور ۾ سبزي، گوشت، مڇي ۽ فروٽ جا اگهه بلند

عام پورهيت ۽ وچولي طبقي لاءِ مارڪيٽ قبضي سبب مشڪل

ٽائون ڪاميٽي ۽ اي سي سوپوديرو بي وس، شهرين پريشان

راڻيپور (رپورٽر: مير احمد جوڻيجو) راڻيپور ۾ سبزين، گوشت، مڇي فروٽ عام سيدي جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. غريب پورهيت يا وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ خريد ڪرڻ کان قاصر آهي جڏهن ته مين قومي شاهراهه مين روڊ ڪراسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جنگشاهي هاءِ اسڪول گرائونڊ ۾ ثقافتي راند ملهه ملاکڙو

سانوڻي برساتن دوران ڪوهستان جي پٿريلي زمين تي شاندار مقابلا

غلام نبي شيدي، سيد عرفان بخاري، سجاد راهوڪڙو ۽ ٻين جي واهه واهه

جنگشاهي (ذوالفقار علي) جنگشاهي پريس ڪلب سٽ پاران هر سال جيان سانوڻي برساتن کان ڪوهستان جي پٿريلي سرزمين جنگشاهي ۾ سنڌ جي مشهور ثقافتي راند ملهه ملاکڙو جنگشاهي هاءِ اسڪول جي گرائونڊ ۾ پهريون رائونڊ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڏوڪري: مطالبن جي مڃتا لاءِ سرڪاري ملازمن آفيسن کي تالا هڻي قلم ڇوڙ هڙتال

ڏوڪري ۾ به آفيسن جي بندش سبب سرڪاري ڪم رولهڙي جو شڪار ٿي ويو

سرڪاري ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري حڪومت کي فوري قدم کڻڻ جو مطالبو

مهانگائي آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي، پگهارون ساڳي جاءِ تي بيٺل آهن: اڳواڻ

ڏوڪري (رپورٽر) مطالبن جي مڃتا لاءِ سرڪاري ملازمن آفيسون بند ڪري قلم ڇوڙ هڙتال ڪئي، سرڪاري ڪم رولهڙي جو شڪار ٿي ويو. سنڌ ايمپلائيز يونين جي مرڪزي سڏ تي مظاهرو ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب ڏوڪري ۾ سنڌ ايمپلائيز يونين جي مرڪزي سڏ تي سرڪاري ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ سموري سنڌ جيان ڏوڪري تعلقي آفيسن ۾ به تالا بندي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

عمرڪوٽ ۾ انساني اسمگلنگ، جبري مشقت ۽ ڪوڙين خبرن بابت آگاهي سيمينار

سامي فائونڊيشن، سماجي ڀلائي ۽ اطلاعات کاتي جي سهڪار سان پروگرام ۾ ماهرن شرڪت

صحافين کي تحقيقاتي رپورٽنگ، فيڪٽ چيڪنگ ۽ انساني حقن بابت آگاهي ڏيڻ تي زور: مقررين

ميڊيا ۽ سول سوسائٽي جي سهڪار سان ئي سماجي مسئلا ختم ٿي سگهن ٿا: غلام مصطفيٰ ڪوسو

عمرڪوٽ (ڊر محمدبچل) عمرڪوٽ انساني اسمگلنگ، جبري پورهيو خلاف قانون، ڊس انفرميشن، مس انفارميشن ۽ فيڪ نيوز بابت هڪ آگاهي سيمينار، سماجي تنظيم سامي فائونڊيشن عمرڪوٽ پاران، سماجي ڀلائي کاتي ۽ اطلاعات کاتي ضلعي عمرڪوٽ جي سهڪار سان سامي فائونڊيشن جي آفيس جي هال ۾ منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي سيمينار ۾ سينيئر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مورو شهر ۾ لغارين جا 5
دوڪان ۽ گهر قرلٽ
ڪرڻ تي درخواست

مورو (رپورٽر) مورو شهر جي گڇيرو روڊ تي پوليس طرفان لغارين جا 5 دوڪان ۽ گهر ڊاهڻ ۽ قرلٽ ڪرڻ تي متاثر رسول بخش لغاري جي طرفان نوشهروفيروز جي سيشن عدالت ۾ 22Ab جي درخواست داخل ڪئي وئي آهي عدالت اها درخواست ايڊيشنل سيشن جج مورو ڏانهن موڪلي ڇڏي آهي جنهن جي ٻڌڻي 27 سيپٽمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

عمرڪوٽ ۾ انساني اسمگلنگ، جبري مشقت ۽ ڪوڙين خبرن بابت آگاهي سيمينار منعقد آهي

ڪوهستاني پٽي ۾ اسڪول بند، ٻارڙا تعليم کان محروم، روڊ ۽ ڊسپينسريون بدحالي

بنيادي سهولتن جي کوٽ، بيروزگاري ۽ برساتن سبب ڪچا گهر ڊهي پٽ پئجي ويا: ڪوهستاني محمد انور جاکرو

ڳوٺ وڏيرو وڪيو جاکرو ۽ ليمون بروهي سميت علائقي ۾ پاڻي، صحت، روزگار ۽ رستن لاءِ دانهن: ملان امام بخش بروهي

صوبائي وزيرن ۽ ضلعي انتظاميا کان اسڪول کولرائڻ، مرمت ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪريون ٿا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڪوهستان جي سماجي اڳواڻ ڪوهستاني محمد انور جاکرو ۽ ڳوٺ ليمون بروهي جي رهواسي سماجي اڳواڻ ملان امام بخش بروهي سنڌن ڳوٺن سميت ڪوهستاني پٽي ۾ بند ٿيل اسڪول کولرائي تدريسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

آر ايڇ سي شاهپور
جهانيان ۾ ڊاڪٽرن پاران
احتجاج جاري

شاهپور جهانيان (رپورٽر) سنڌ ايمپلائيز الائينس جي سڏ تي آر ايڇ سي شاهپور جهانيان جي ڊاڪٽرن نور محمد پڙهيار، يونين اڳواڻ محمد اسماعيل ملاح، سيد سردار علي شاهه، ذوالفقار پگهيو، هدايت الله ڪيڙو، محمد ابراهيم لاڪو، فرحان علي جوکيو، شاهنواز ملاح، اصغر ڏاهري، خان محمد ابڙو ۽ ٻين پاران اسپتال کي تالا هڻي او پي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05


ڪوهستاني پٽي ۾ اسڪول بند، ٻارڙا تعليم کان محروم، رهواسي احتجاج ڪندي

بدين ۾ سامي فائونڊيشن ۽ CPDI پاران لا فورم جسٽس ٽريننگ

عورتن خلاف تشدد جي روڪٿام ۽ قانوني شعور تي زور، ماهر ٽرينرز ۽ بدين بار جا سينيئر وڪيل شريڪ ٿيا

شرڪت ڪندڙن لاءِ گڏيل سگهيا ۽ انصاف جي شعبي مضبوط ڪرڻ: شميلا ميمڻ

بدين (رپورٽ: جب راهمون) سامي فائونڊيشن بدين ۽ CPDI جي سهڪار سان ٻن ڏينهن واري لا فورم جسٽس ٽريننگ ڪاميابي سان مڪمل بدين سامي فائونڊيشن بدين، CPDI جي سهڪار سان ٻن ڏينهن جي لا فورم جسٽس ٽريننگ ڪاميابي سان منعقد ڪئي، جنهن جو مقصد عورتن خلاف ٿيندڙ تشدد جي روڪٿام، قانوني شعور وڌائڻ ۽ انصاف تائين رسائي کي مضبوط/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين ضلعي جو ڳوٺ عثمان پنهور برسات ۾ پاڻي هيٺ

رستا مهينن تائين ٻڏل رهيا، آمدورفت معطل رهيو، ڳوٺاڻا اسڪول ۽ اسپتال نه پهچي سگهيا

بنيادي سهولتون غائب، ڳوٺاڻا بجلي، گيس ۽ پاڻي کان محروم ٿي ويا، ڪنهن به نوٽيس نه ورتو

سرڪار کان هنگامي قدم کڻڻ جي گهر ڪئي وئي، ڊرينج، رستا ۽ صحت، تعليم معيار کي بهتر بنائڻ جو مطالبو

بدين (رپورٽ: رجب راهمون) وسايل بدين جا وسريل ڳوٺ — عثمان پنهور جو الميو سنڌ جي ڏاڪڻي پٽي ۾ واقع بدين ضلعي کي سنڌ جو "تيل ۽ گيس جو خزانو" چيو ويندو آهي. پر ساڳئي ضلعي ۾ اهڙا ڳوٺ به آهن، جتي زندگي جي بنيادي سهولتن جو تصور به موجود ناهي. تعلقو ٽنڊو باگو جي يونين ڪائونسل ڏاڏاهه جو ڳوٺ عثمان پنهور ان جو زنده مثال آهي. هر سال برساتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

چيلهار ٽائون ڪاميٽي ۾ صوبائي محتسب اعليٰ ٿرپارڪر جي کليل ڪچهري

شهرين شڪايتن جا انبار، بجيٽ هڙپ، تعليم ۽ ڊرينج سسٽم تباهه

ملازمن جون پگهارون بند، غيرقانوني قبضا ۽ پاڻي جو شديد بحران: شهرين

مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ کي لکندس: محمد عمر پنهور

مٺي (ڊر محمدرحيم مگريو) چيلهار ٽائون ڪاميٽي ۾ صوبائي محتسب اعلي ٿرپارڪر محمد عمر پنهور جي کليل ڪچهري ۾ شهرين شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا. ٽائون ڪاميٽي جي بجيٽ هڙپ، تعليم، ڊرينج سسٽم، ٽائون ملازمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺاڪر ڪولهي برادري
جي روڊ حادثي ڪيس
۾ اڳڀرائي

ڏگهڙي (رپورٽر) گذريل چار ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ٺاڪر ڪولهي برادري جي ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جتي فوتي رامون ڪولهي جي وارثن سماجي اڳواڻ ڪامريڊ پريم راٺوڙ ڪولهي سان گڏجي ٿاڻي تي وڃي ڪيس داخل ڪرايو آهي وارثن جي فرياد تي ڊمپر مالڪ عنايت پناڻ، محمد نظير پناڻ ۽/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

چيلهار ٽائون ڪاميٽي ۾ صوبائي محتسب اعليٰ ٿرپارڪر جي کليل ڪچهري منعقد آهي

سنڌ گرينڊ هيلٿ الائنس جي سڏ تي رورل هيلٿ سينٽر گهارو ۾ مڪمل هڙتال

پينشن 85 سيڪڙو مان گهٽائي 15 سيڪڙو ڪرڻ سراسر زيادتي قرار

ڊاڪٽرن ۽ عملي جي هڙتال سبب مريض بنا علاج واپس موٽيا

فيصلو واپس نه ٿيو ته سي ايم هائوس اڳيان ڌرڻو ۽ گهيرائو ڪيو ويندو: ملازمن جون ڳالهيون

ٺٽو (ڊر) سنڌ گرينڊ هيلٿ الائنس جي سڏ تي رورل هيلٿ سينٽر گهارو ۾ عملي طرفان مڪمل طور تي ڪم ڇوڙ هڙتال ڪئي وئي جنهن تي عملي جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت طرفان سرڪاري ملازمن جي پينشن 85 سيڪڙو مان گهٽائي 15 سيڪڙو ڪرڻ سراسر زيادتي آهي. جيڪا ملازمن جي مستقبل سان وڏي ناانصافي آهي. ان موقعي تي ملازمن طرفان سرڪاري ملازمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

فقيرآباد ۾ استادن پاران پينشن ۾ ڪٽوتي خلاف اسڪولن کي تالا هڻي احتجاج

سپلا يونٽ جي اڳواڻي هيٺ هاءِ اسڪول مڪمل بند، حڪومت تي پينشن تي ڌاڙو هڻڻ جو الزام لڳايو ويو

استادن جو چوڻ پراڻو پينشن قانون ختم ڪري نئون ڪارو قانون لاڳو ڪيو ويو، مالي پريشاني وڌي وئي

پينشن دشمن ڪارو قانون فوري ختم ڪيو وڃي، احتجاج 27 سيپٽمبر تائين جاري رهندو: استاد مشتاق علي شنباڻي

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ لڳ فقيرآباد سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي پينشن ۾ ڪٽوتي خلاف فقيرآباد ۾ استادن پاران اسڪولن کي تالا هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هاءِ اسڪول فقيرآباد ۾ سپلا يونٽ جي اڳواڻي هيٺ استادن احتجاج ڪندي اسڪول کي مڪمل طور بند ڪري ڇڏيو احتجاجي استادن جو چوڻ هو ته حڪومت سرڪاري ملازمن جي پينشن تي ڌاڙو هنيو آهي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي يونين آف
جرنلسٽس ورڪرز پاران
قاتلانه حملو سخت مذمت

ڪراچي (پريس ريليز) ڪراچي يونين آف جرنلسٽس ورڪرز، صدر فواد محمود، سينيئر نائب صدر علي سرور، سيڪريٽري ندا آصف، سينيئر جوائنٽ سيڪريٽري سامي ميمڻ، نائب صدر علي عباس، سيڪريٽري معلومات باغي ساگر ۽ مجلس عامل ملير ڪالا بورڊ ويجهو ميٽرو نيوز جي سينيئر اينڪر امتياز مير تي ٿيل قاتلانه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

فقيرآباد ۾ استادن پاران پينشن ۾ ڪٽوتي خلاف اسڪولن کي تالا هڻي احتجاج جو ڏيک